متان تون وضعداري کي ڇڏين اي طالب المولا
زماني ۾ پيو نيلام ٿئي اڄ فڪر وفن سستو
(طالب المولىٰ)

# روشني جو سفر



Gul Hayat Institute

تحفهٔ ڪراچي

مرڪزي بزم طالب المولىٰ سنڌ

# روشنيءَ جو سفر

Gul Hayat Institute

بزم طالب المولیٰ سنڌ طرفان سوکڙي

# ادبي ڪانفرنس ڪراچي جو احوال

سهڙيندڙ

انور هالائي

مددگار

ولي سروري ، اصغر هالو

رسول بخش "منظور" سروري


Gul Hayat Institute

مرڪزي بزم طالب المولیٰ سنڌ هالا

نالو. روشنيءَ جو سفر
ترتيب. انور هالائي
مدد گار. ولي سروري ۽ اصغر هالو، رسول بخش "منظور" سروري
موضوع. سووينيئر بزم طالب المولىٰ سنڌ ١٩٨٩ع( سنڌي ادبي ڪانفرنس ڪراچي ١٩٨٨ع جو احوال )
طرفان. مرڪزي بزم طالب المولىٰ هالا سنڌ
تعداد. هڪ هزار
سال اشاعت. اپريل ١٩٨٩ع
ڇاپو. پهريون
ڪمپوزنگ. يونيورسل ڪمپيوٽر ڪمپوزرس، ڪراچي
پرنٽنگ نگران. نوراحمد ميمڻ
ڇپيندڙ. اي - زيڊ پرنٽرس پاڪستان چوڪ، ڪراچي
ڪورڊزائين. آغا هادي علي

Gul Hayat Institute

محسن ادب، محبوب الشعراء



Gul Hayat Institute

عالیجناب مخدوم محمد زمان طالب المولیٰ

چیئرمین

بزم طالب المولیٰ سند

پيئي جا پرپات سا ماڪ نہ پائيو ماڻهوئا
روئـي چڙهـي رات، ڏسـي ڏڪوين ڪـي

(مخدوم نوح رح)

Gul Hayat Institute

# فهرست

## ڪانفرنس


| | | |
|---|---|---|
| ١. پيش لفظ | انور هالائي | ٩ |
| ٢. آڌر ڀاءُ | اصغر هالو | ١١ |
| ٣. افتتاحي تقرير | قبلہ مخدوم محمد زمان طالب المولىٰ | ١٣ |
| ۴ .سنڌي ادبي ۽ فڪري وحدت | پروفيسر غلام مصطفيٰ شاھ | ١۵ |
| ۵. يادگيريون | جناب غلام رباني آگرو | ٣٠ |
| ٦. وقت جو آواز | محترمہ مهتاب اڪبر راشدي | ٣٦ |
| ٧.سنڌ جي سونهن ۽ سرهاڻ | جناب علي احمد بروهي | ۴١ |
| ٨. ادب ۾ نون تجربن جي اهميت | ڊاڪٽر نعيم تقوي | ۴۵ |
| ٩. مشاعرو | مختلف شعراءِ ڪرام | ۵٠ |
| ١٠. صدارتي تقرير | ڊاڪٽر تنوير عباسي | ٨۵ |
| ١١. سنڌي ادب ۾ بزم طالب المولىٰ ڪراچي جو ڪردار | اصغر هالو | ٨٧ |
| ١٢. طالب المولىٰ منهنجي نظر ۾ | جناب حسين بخش خادم | ٩٢ |
| ١٣. پرھ مرڪي پانڌ | ولي سروري | ١٠٢ |


## ڪنوينشن


| | | |
|---|---|---|
| ١٣. افتتاحي تقرير | قبلہ مخدوم محمد زمان طالب المولىٰ | ١٠٦ |
| ١۴. سالانہ رپورٽ | انور هالائي | ١٠٨ |
| ١۵. شريڪ ميمبر بزم طالب المولىٰ سنڌ | | ١١١ |
| ١٦. اڪين ڏٺو احوال | محمد حاجن خوشتر | ١١٣ |
| ١٧. جي جيءَ ڪي جيارين | | ١١٨ |


Gul Hayat Institute

يلجي ٻه ذڪر يار ڪڏهن ٻي وضو نه ڪر
هڪ هنڌ رکي نظر کي وري سو ٻه سو نه ڪر
(طالب المولیٰ)



Gul Hayat Institute

انورِ هالائي
سيڪريٽري جنرل بزمِ طالب المولیٰ سنڌ

# سنڌي ادبي ڪانفرنس

## تاريخ:ـ ١٥ ـ اپريل ١٩٨٨ع

وقت:ـ شام ـ ٥ بجي

مقام:ـ شاهه عبداللطيف ڀٽائي هال

موسيٰ لين لياري ڪراچي

تلاوت ڪلام پاڪ :ـ مولانا شير محمد بلوچ

نعت خوان:ـ قادر بخش ٽنوي

افتتاح:ـ عاليجناب مخدوم محمد زمان طالب المولىٰ صاحب

استقباليه خطاب:ـ جناب اصغر هالو

صدارت:ـ جناب سيد غلام مصطفىٰ شاهه

مهمان خصوصي:ـ جناب غلام رباني آگرو

مقالا نگار:ـ (١) محترمه مهتاب اڪبر راشدي صاحبه

(٢) محترم علي احمد بروهي صاحب

(٣) محترم ڊاڪٽر نعيم تقوي صاحب

Gul Hayat Institute

انتظامي امور لا، هڪ مرڪزي انتظامي ڪائونسل بہ آهي جيڪا سڀني شاخن جي فعال ۽ ڪردار جي نگران آهي. مرڪزي چيرمين قبلہ جناب مخدوم محمد زمان طالب المولیٰ صاحب جن آهن ۽ مرڪزي آفيس هالا ۾ آهي.

سال ۱۹۸۸ع ۾ ۱۵ـ ۱۶ اپريل تي ڪراچي ۽ جي پوئتي پيل قديم علائقي لياري جي شاه عبداللطيف ڀٽائي هال ۾ هڪ ادبي ڪانفرنس منعقد ٿي. ڪانفرنس جو افتتاح قبلہ مخدوم محمد زمان طالب المولیٰ جن ڪيو. صدارت سيد غلام مصطفیٰ شاه ڪئي جڏهن تہ غلام رباني آگرو صاحب مهمان خصوصي هو. مقالہ نگارن ۾ خاص طور ميڊم مهتاب اڪبر راشدي، جناب علي احمد بروهي ۽ ڊاڪٽر نعيم تقوي صاحب جن هئا. ڪل سنڌ مشاعري جي صدارت ڊاڪٽر تنوير عباسي جن ڪرڻ فرمائي. ان کان پوءِ ۱۶ ـ اپريل تي بزم طالب المولیٰ جو ڪنوينشن ٿيو جنهن جي صدارت مخدوم محمد زمان صاحب طالب المولیٰ جن ڪئي. ڪنوينشن ۾ ڪيترن ئي انتظامي امور تي بحث ڪيو ويو ۽ ڪيترائي بهترين فيصلا ڪيا ويا.

هن سووينئر ۾ ڪراچي ڪانفرنس ۱۹۸۸ع جي مڪمل ڪاروائي مقالن ۽ مشاعري جي انتخاب سميت شايع ڪئي ويئي آهي.

خدا اسان سڀني کي سنڌ ۽ سنڌي ادب جي خدمت جي همت ۽ استطاعت ڏي ـــ آمين.

**انور هالائي.**

Gul Hayat Institute

عمل سان ٿي ملي هر دم اي همدم عزت و عظمت
نه ڪي ٿي پر وسو ڪيچ ته فلان ابنِ فلان آهيان
(طالب المولىٰ)




GulHayat Institute

ميزبان ڪانفرنس ٨٨

اصغر هالو
صدر - بزم طالب المولىٰ ڪراچي

# آڌر ڀاءُ

عالي جناب قبلہ مخدوم محمد زمان صاحب طالب المولىٰ
چيئرمن بزم طالب المولىٰ سنڌ
صدر محفل سيد غلام مصطفيٰ شاہ صاحب،
مهمان خصوصي محترم غلام رباني آگرو صاحب،
جناب ڊاڪٽر تنوير عباسي ۽ معزز مهمانو

## السلام عليڪم.

الحمدالله اڄ اسان جي ديرينہ خواب جي تعبير ملي ويئي، اوهان جي موجودگي اسان لاءِ وڏي حوصلہ، همت ۽ قوت جو باعث آهي.

مون جني لاءِ ٿي تڙ پوڇارا پڇيا
وانگر جني لاءِ ڪانگ اڏائجن سي سڀ جيڪڏهين يڪمشت ۽ يڪجا ٿين تہ دل ميزبان جي ڇا ڪيفيت هوندي. اوهان سڀني اچي اسان کي مرڪايو آهي. شال جڳ جڳ مَرڪندا ۽ مَرڪندا رهو.

آئون جناب چيئرمين صاحب مرڪزي بزم طالب المولىٰ سنڌ ۽ سندن انتظامي ڪائونسل جو شڪريہ ادا ڪريان ٿو جن ١٩٨٨ع لاءِ ڪنوينشن ڪوٺائڻ سان گڏ ادبي ڪانفرنس جو انعقاد بہ ڪيو ۽ گهڻن سالن جي سڪايل شهر ڪراچيءَ کي شرف ميزباني بخشيو.

سائين ! بزم طالب المولىٰ ڪراچي، جهونن جوڳين جي يادگار آهي جنهن ۾ سرشار عقيلي، امير قريشي، محمد جمن هالو، ۽ علي محمد اسير جهڙن معتبرن جو هٿ هو. هن شاخ سان جمع خان غريب، حاجي محمود خادم ۽ ڊاڪٽر محمد ابراهيم خليل جن جو مڪمل ساٿ هوندو هو. اڄ بزم طالب المولىٰ شاخ ڪراچي جي بهار ۾ انجي باني بزرگن جي سلف الصالحين شاگردن جو وڏو تعداد شامل آهي.

جناب عالي! قلم ڪار جي فطرت بہ عجيب آهي، هو دنيا ۾ آهي بہ ۽ دنيا کان ٻاهر بہ



Gul Hayat Institute

واردات قلب کي جيڪو بيان شاعر ڪري
ان کي پنهنجي اڻ لکيل پنهنجي ڪلامن جا سلام



محفلِ مشاعره

# سنڌي ادبي ۽ فڪري وحدت ۽ سياسي معاشرتي انتشار

الحاج سيد غلام مصطفيٰ شاه جي بزم طالب المولىٰ طرفان ادبي ڪانفرنس ڪراچي
جي موقعي تي تقرير - جمع ١٥ اپريل ١٩٨٨ع شام ۴ بجي
شاه عبداللطيف هال موسيٰ لين ڪراچي.

عزيزو!

آءُ سائين مخدوم محمد زمان طالب المولىٰ جو مشڪور آهيان جو مونکي هن مجلس جي صدارت جو اعزاز بخشيو اٿن. صدر ڇا ٿيندو آهي ۽ مهمان خصوصي ڇا ٿيندو آهي ان جي هڪڙي خبر الله کي ٻي منتظمين کي. سائين اسين ته آهيون اديبن، عالمن ۽ بزرگن جي حڪم جا بندا ۽ تابعدار ـ هن عمر ۾، هن وقت ۾، هن دور ۾ اڳر الحق مر جو اصول نه رکيوسون ته حياتيءَ تي حيف آهي. ڏيڻ وارو ڏاتار آهي، ڏکون اهو ڏکيندو ۽ ڪوتاهيون اهو معاف ڪندو.

سائين منهنجا ! آءُ سائين مخدوم صاحب جي ٻي ڳالهه لاءِ به شڪر گذار آهيان جو اسان سان وارو وٺايو اٿن ۽ اسان کي سرهو ڪيو اٿن ۽ اسان جي پت رکي اٿن. اسان هر سال، اسان جي شاه عبداللطيف ڪلچرل سوسائٽي طرفان هڪ يا ٻه دفعا محفل پئي مچائي آهي ۽ سنڌي ادب، معاشري ۽ فڪر ۽ دانش تي گذريل ٽورن سالن کان خدا جي فضل سان شاندار خدمت پئي ڪئي آهي. اسان پنهنجي وس آهر پئي سني ادب، ثقافت، فن ۽ تحقيق جي دونهي دکائي رکي آهي. اسان شاه عبداللطيف ڪلچرل سوسائٽي طرفان ڪي مثالي ڪتاب ۽ رسالا ڪڍيا آهن ۽ اسان سنڌي معاشري جي خدمت پئي ڪئي آهي. منهنجا

Gul Hayat Institute

جون روايتون، سنڌ جون قومون سنڌ ۾ مذهبن جو امتزاج لکندڙن لاءِ ڪيڏو نه سامان ۽ سبق رکن ٿيون. اهي سڀ اسان جون فطري خوش نصيبيون آهن ۽ الله تبارڪ جي برڪت آهي. هي ولين، دودن ۽ دليرن جي سرزمين، هي رسول ڪي راحت پهچائڻ واري سرزمين جو ٽڪرو ڪيترو نه تباهه ڪيو پيو وڃي. نه صرف ڌارين جي سازشن سان مگر اسان جي پنهنجن هٿن سان. سائين سنڌ هر قسم جي دلچسپي لاءِ موضوع ڏيندي. ڇا مونکي ٻڌائيندا ته اهڙو ڪو ٻيو ملڪ هيتري ٿوري ايراضي ۾ قدرت جو ايڏو راز رکندڙ هجي. اسان ڪي سنڌ جي بيان، فڪر ۽ مضمون نويسي لاءِ ٻنائي سائين شاهدي ڏيندو. سنڌ ۽ سنڌ جي ماڻهن متعلق ڪهڙو موضوع ۽ مضمون آهي جنهن تي شاهه نه لکيو هجي. شاهه سنڌ جي روح ۽ جان جو نچوڙ آهي. اڃو ته هڪ ٻي ڳالهه ٻڌايانوَ.

الله تبارڪ جا نالا مخصوص يا صفاتي دنيا جي هر ڪنهن زبان ۾ آهن جتي عربي زبان جو اثر آهي يا رهيو آهي اتي زياده تر لفظ خدا جي شان ۾ عربي مان ورتا ويا آهن مگر سنڌي اها زبان آهي جن ۾ انهن عربي لفظن ڪانسواءِ الله تعاليٰ جا ٻيا به نالا آهن جن جي نوعيت ۽ جن جو تصور ڪيترن صفاتي نالن جيڪي عام فهم آهن انهن جو مرڪب آهي مثلا ڏٽي، ڏاتار، پالڻهار، انهن لفظن جو ڪنهن ٻي زبان ۾ عربي زبان سوڌو ڪنهن هڪ لفظ سان ترجمو يا تعريف نه ملندي. سائين لفظ پالڻهار معني رزاق، سنڀاليندڙ، رحم ڪائيندڙ، بچائيندڙ، طاقت ڏيندڙ، ڀروسو ۽ آسرو ڏيندڙ، مستقبل جو مالڪ، نگهبان، ننڍي مان وڏو ڪندڙ، سيڪاريندڙ، تربيت ڏيندڙ، اجڙ مان انسان ڪندڙ. اهي سڀ معنائون هن لفظ جي معني ۽ تشريح ۾ اچي وينديون آهن. اهي ڪا ٻي زبان جنهن ۾ اهڙو فڪر ۽ احساس جو امتزاج مثال طور پيش ڪري سگهجي. سنڌ خداترسي جو ملڪ آهي ۽ خدا شناسي جو ملڪ آهي. اڄوڪا سيد، پير ۽ وڏيرا اڃي خراب ٿيا آهن ته اهو انهن جو نصيب آهي.

سائين، سنڌ جي ادب جي شاندار تاريخ آهي ۽ سنڌ جي ادب ڪي سنڌي زبان وانگر هڪ امتيازي حيثيت حاصل آهي. سنڌي ادب ڪا ڏند ڪٿا نه آهي، سنڌي ادب ٺوس فڪر، جذبي، زمين جي محبت ۽ ماحول جو ادب آهي. سنڌ جي هر دور ۾ سنڌي اديب ۽ شاعر جو حصو رهيو آهي مگر ١٩٤٧ع کانپوءِ ۽ خاص طرح ١٩٧٧ع کانپوءِ سنڌي ادب ۽ سنڌي شاعري جو سنڌ کي برقرار رکڻ ۾ وڏو حصو آهي. سنڌي اديب صحيح فڪر جو مالڪ رهيو آهي. سنڌ جا سيد، پير ۽ وڏيرا وڪجي ويا ۽ جاهل ٿي ويا مگر سنڌي اديب نه وڪيو. سنڌ جو وجود سنڌي اديب ۽ شاعر جي ڪوششن جو نتيجو آهي. سنڌ کي اها سعادت ۽ وجود سنڌي ادب نصيب ڪئي آهي. نه ته گهڻا ڏينهن اڳ پيسجي وڃون ها.

Gul Hayat Institute

جي عالمن لاءِ سوچ ۾ ڪابه ملاوٽ نه آهي، ڪا به لالچ نه آهي، ڪو به غرض نه آهي. اهو وڏيرن ۽ سردارن کي خدا خراب ڪيو آهي جو هر روز وڪجي رهيا آهن. بازار جا رانديڪا آهن. نوڪر ۽ بدحواس وڪيل گهوڙا غلامي ۽ ڦٽ لعنت ۾ خوش آهن. سنڌي عالم، استاد ۽ اديب کي هڪ شخصيت ۽ انفراديت آهي جا پاڪستان ۾ ٻي هنڌ نه ملندي، سائين تواريخ شاهد آهي ته سنڌ ۽ بلوچستان جي عالمن نه چاپلوسي ڪئي، نه جاسوسي ڪئي، نه مخبري ڪئي، نه جرائم پيشي رهيا انهن صفتن وارا ماڻهو اوهان کي زياده تر سنڌين ۽ بلوچن کان ٻاهر نه ملندا. ان جي تاريخ شاهد آهي. سنڌ جي عالمن سنڌ تان جان ڏني پر سنڌ سان دغا نه ڪئي. اهو ڪم هاڻي وڏيرن تي آهي ۽ گذريل ڏهن سالن ۾ اسانجن بيغيرت نمائندن تي آهي، خدا جو غضب مٿن ضرور نازل ٿيندو.

سائين سنڌ جي گذريل ڏهن سالن ۾ وڏيرن جي روش سنڌ کي رسوا ڪندڙ رهي.آهي جيڪڏهين سنڌن هي اندازِ عمل ۽ فڪر رهيو ۽ سنڌن اولاد به عارضي شين کي حاصل ڪرڻ لاءِ سنڌ کي ذهن مان ڪڍيو ته سنڌ جا ماڻهو ڪين معاف نه ڪندا ۽ وري وڏيرن ۾ ڪو جهلو به نه آهي ته ڪو عوام ۽ ماڻهن جي انقلاب کي منهن ڏئي سگهن. سائين پيڻ ڪنهڻ، عياشي ۽ نمائشي زندگي ۽ هندورن جو زمانو هليو ويو. زماني ڳچي کان اچي ورتو آهي. پاڻي سر تائين پهچي ويو آهي. اگر پاڻ کي نه بچايو سين ته پاڻي سر تان مٿي ويندو. سائين سنڌ جي عالمن سنڌ جي شان ۾ نه صرف سندس انفراديت ۽ شان کي اجاگر ڪيو ۽ ورسايو مگر انجي سچي حياتي خدمت ڪيائون. مخدوم محمد هاشم، شاه عبدالڪريم، سچل فقير، مخدوم محمد زمان، سامي ۽ ڊاڪٽر گربخشاڻي ۽ ڊاڪٽر دائودپوٽي ڪانپوءِ اسانجي نوجوانن جو ادب ۾ حصو ۽ ڪم وڏي شان وارو آهي. اهڙيڪو سنڌي ڏاڍاين کان مرغوب نه ٿيو آهي، نه ته هن انقلاب ۾ پاڻ کي لڪايو آهي، مگر اجا به ڳچي مٿي ڪري ۽ غاصبن جي نظر سان نظر ملائي مات ڪيائين. گذريل ڏهن سالن ۾ سنڌي ادب جاگرافيائي طرح محدود هوندي به دنيا ۾ متعارف آهي. آءَ جڏهن هنن نوجوان ڇوڪرن ۽ نياڻين کي ڏسندو آهيان. سائين اسان جي شاعرن، نثر نويسن، محققن ۽ سوچيندڙن جي فڪر، فهم ۽ ولولي ۾ هڪ قسم جو جذبو آهي ۽ سنڌن وحدت فڪر تي اسان کي فخر آهي.

سائين سنڌي اديب جو اهو شان آهي جو صحافت جي عياري ۽ مڪاري، سطحي ادب کان آزاد رهيو آهي. آئون سنڌي صحافت جي، سنڌي ادب ۾ ڪردار کي مجان ٿو مگر سنڌي ادب تي اردو وانگر صحافت جو ڪو به تسلط نه رهيو آهي. اهڙيڪو پنجابي ۽ پشتو ادب ته



Gul Hayat Institute

تي، پڻو به وڪجي سگهي ها. وڪڻ بلڪل آسان آهي فقط اڪيون پورٽيون آهن ۽ غيرت تان هٿ کڻڻون آهي ۽ ننگو ٿيڻو آهي.

سائين، غيرت سنڌ جو ڏاج آهي جنهن جو تصور اسان جي ملڪ ۾ هيو بلوچستان کي نصيب آهي. غيرت وڃائي ۽ اڪيون پوري ڇا نٿو هٿ ڪري سگهجي.

١٩٥٨ع ۾ مَلڪ گرماني صاحب گورنر هو. حيدرآباد کان سنڌ يونيورسٽي جي ڪنوينشن ۾ شموليت ڪانپوءِ اسين ريل رستي ڪراچي جي سفر تي روانا ٿياسين. گاڏي ۾ مون سان جي. احمد صاحب جيڪو حڪومت پاڪستان جو سيڪريٽري داخله هو، ايس.ايم شريف جيڪو حڪومت پاڪستان جو تعليمي سيڪريٽري هو ۽ بروهي صاحب گڏ هو. اهو وقت هو جڏهن محمد علي بوگرا وزيراعظم تان هٽي جپان ۾ سفير ٿي ويو هو. تبصرو ڪندي جي. احمد فرمايو ته مخمد علي بوگرا بي غيرت ۽ بي عزت شخص آهي. ڪو شرم نه اٿس ته بروهي صاحب فرمايو ته "برابر نه اٿس مگر باقي سڀ ڪجهه اٿس." کل جو ٽهڪڙو مچي ويو.

اسان جي لفاظ ۽ لغڙين کي شل قول ۽ فعل جي اعتدال جي اهميت جي خبر هجي. ڇا زمانو آهي مسخرن ۽ بزدلن جي راند آهي. سائين غيرت جي قرباني ڏئي جيئڻ به ڪو جيئڻ آهي. بزدل لاءِ هر لمحه موت آهي مگر پئسي جي لالچ ۾ غيرت ڪا اهميت نه ٿي رکي. سائين بي غيرتي اسان تي عذاب آڻيندي. ان غيرت جو صرف زالن سان واسطو نه آهي خدا اسان جي وڏيرن جو خانو خراب ڪري ڇپڻي تي نچي رهيا آهن. خبر نه آهي گهنگرو ڇو نه ٿا ٻڌن. باقي تماشو مڪمل آهي.

سائين، اهڙو سنڌي اديب، شاعر ۽ مفڪر، استاد ۽ عالم سنڌ جي عوام جي دردن، مصيبتن، افسردگين ۽ جذبات جو ترجمان آهي. جنهن معاشري ۾ اديب دليرانه فڪر ۽ قلم رکن ٿا اهو معاشرو خوش نصيب آهي انجي بقا اٽل آهي.

سائين، اها به هڪ دل کي همت ۽ سڪون ڏيڻ واري حالت آهي جو اسان جي اديبن، شاعرن ۽ مفڪرن ۾ سنڌ جي مسئلن متعلق هڪ قسم جي وحدت، هم آهنگي ۽ يڪجهتي آهي. سياستدان ۽ وڏيرا شتر بي مهار ۽ بودلا آهن مگر اسانجا فڪر ۽ مطالعو رکندڙ انسان هڪ نظريئي تي برقرار آهن جيڪي هن ننڍڙي معاشري کي دائم سوچيندڙ ۽ صحتمند رکيو اچن. اسان جي اديبن جي سوچ سنڌ جي معاشري کي تقويت پهچائڻ لاءِ آهي. ٻي طرف افسوس ٿئي ٿو ته اسانجا نمائندا جهالت، عارضيت، بزدلي، ڪم علمي ۽ هيچ ذاتهن وڌندڙ آهن. اسانجي ڪند دماغ سياستدانن ۾ انتشار حيران ڪرڻ وارو آهي مگر اهو



Gul Hayat Institute

سياستدانن جو رجحان ۽ رويو ۽ سندن مستقبل لاءِ لاابالي جو نتيجو آهي. اسان جي نمائندن جي دماغي ڪيفيت جو هي حال ملڪ ۾ مارشل لا ڪيو آهي. ملڪ ۾ مارشل لا، سڀ اخلاقي قوتون ۽ قدرون ڪيرائي ڇڏيون آهن ۽ انسانن مان نچوڙي ٻاهر ڪڍيون آهن.

سائين، اها اسانجي بدقسمتي آهي جو گذريل ڏهن سالن ۾ سياست تلوار جي نوڪ مان نڪتي آهي ۽ اها ذلت، رت ۽ زخمن جي موجب آهي. تلوار ۽ بندوق سان علم، اخلاق، ادب ۽ فڪر جو ڪوبه واسطو نه آهي. هر ڳالهه نظرياتي سڌي وڃي ٿي. ڇا تلوار ۽ بندوق به ڪو نظريو رکنديون آهن ۽ انهن هيٺ فقط جانور پيدا ٿيندا آهن. ڏپ ۽ هيبت ۽ سازش جو ملڪ ڪو نظريو نٿو رکي، ڏپ ۽ مشتبه زندگي ۾، صحيح فڪر ۽ عمل ۽ نظريو ممڪن ڪونهن.

سائين، سنڌ ۾ ١٩٤٧ع جي غلاميءَ ڪانپوءِ جيڪي انقلاب آيا يعني ١٩٦٠ع – ١٩٦٤ع ١٩٧٠ع ۽ ١٩٧١ع ۽ ١٩٨٣ع کان ١٩٨٦ع تاءِ اهي سڀ سنڌي اديبن جو ڪارنامو آهن جن صحيح سوچ ۽ فڪر نه ڇڏيو ۽ سنڌي معاشري ۾ وحدتِ فڪر برقرار رکي. اسان جي شاگردن، اديبن ۽ مفڪرن جي سوچ اسانکي يڪ مشت نظريو ڏنو ۽ انهن جي مقابلي ۾ اندرين ۽ ٻاهرين قوتن سنڌ جي نظريئي جي خلاف ڪا به ڪاميابي حاصل نه ڪئي آهي. ڪاش اهو وحدتِ فڪر، جيڪو نوجوانن ۽ اديبن قائم رکيو اهو سياستدانن جي ورثي ۾ به اچي ها.

سائين، اها حيرت جي ڳالهه آهي ته گذريل ڏهن سالن ۾ انساني قدرن جو نه صرف ڪرڻ ۽ منهدم ٿيڻ مگر انهن جي بگاڙڻ ڪي همٿايو ۽ نوازيو ٿو وڃي. اسان جو معاشرو عياشي، خود غرضي، لالچ، هٻڇ، ۽ لٽ مار ۾ ورتل آهي.شڪار، دعوتون، بنگلا ۽ نمائشي زندگي معاشرتي غير ذميداري هڪ غلام ذليل ۽ هڪ بيغيرت معاشري جي نشاني آهي. جڏهن حلم، علم ۽ فهم نه رهندو ته معاشري جي تقويت ۾ اميد رکڻ عبث آهي.

سائين، سنڌ ڪي دعوتن، پٽن ۽ رسمن رسوا ڪيو آهي. شاديون ته نهيو مگر هاٿي عقيقن، طهرن، مڱڻين ۽ خبر ناهي ڇا ڇا جانورن ۽ ڪڪڙن جي ويڙهن تي خرچ ٿي رهيو آهي. ڇا هنن مخمور ۽ بد دماغ جانورن کي ادب تي، ادارن تي، تعليم تي، فلاح عام تي خرچ ڪرڻ تي بخار اچي ٿو. هيڏي عياشي، فضول خرچي ۽ نمائش اسان جي معاشري کي ذليل ۽ مريض ڪيو آهي. چوڌاري نظر ڦيرائجي ٿي ته قدرن کي پائمال ٿيندو ڏسجي ٿو. ملڪ ۽ معاشري ۾ بديانتي قصدا بي چيني پيدا ڪئي وڃي ٿي ته حڪومت ڪرڻ آسان ٿئي، ماڻهو ڏپ ۾ هجن، سوچن گهٽ مگر هن روئي، حربي يا نسخي ائين لڳي ٿو ته هاڻ

Gul Hayat Institute

اڃي ڪم ڪرڻ ڇڏي ڏنو آهي. چاليهن سالن جي استادين ۽ مڪارين هٿان اٿين لڳي ٿو ته ماڻهن جون اکيون کوليون آهن. عوام انهن چالبازين کي سمجهڻ لڳو آهي ۽ سنڌ جو غريب عوام هن سڄي تماشي کان بيزار آهي. ڇاڪاڻ ته سندن سنڀال نه ٿي لهي وڃي. هو پاڻ لاءِ طريقا اختيار ڪري رهيو آهي ۽ رستا ڳولي رهيو آهي. سياستدانن جي ليڻن ڏيڻن کي سمجهي ويو آهي ۽ نفرت سان ڏسي ٿو. سنڌي ادب ۽ شاعري جي رجحان ۽ انهن سان رغبت سنڌي معاشري کي ۽ سنڌي عوام کي هڪ نئين جان بخشي آهي.

سائين منهنجا آءٌ شاعر نه آهيان. ته شاعر ٿيڻ جي طاقت ۽ صلاحيت رکان ٿو. شعر تي لڏندو ۽ جهومندو ضرور آهيان. سنڌ جي وحدت وجود ۽ غيرت ۾ شاعرن جو وڏو حصو آهي. جيتوڻيڪ آءٌ سائين ڀٽائي کي عام فهم ۾ شاعر نٿو تسليم ڪريان. شاهه جو شعر قرآني ڪلام آهي جو آلاپ ۽ سوز سان پڙهي سگهجي ٿو. سنڌي شعر هڪ ٻي طرح ٻين زبانن جي شعر کان مختلف آهي. طرح، رديف ۽ ڪافيو به ڇڱو ڪم مگر سنڌي شعر ۾ ٻيو ذهن ۽ فڪر آهي. سنڌي شعر ۾ مردانگي آهي ۽ رواداري آهي. سنڌي شعر نفاست ۽ نزاڪت ۽ نخري جو ايتريقدر شڪار نه آهي. انهيءَ ۾ زمين جو ذڪر ۽ دليري ۽جانبازي آهن. سنڌي شاعر جا پير هميشه زمين تي آهن. اڏامي ٿو ته فقط سنڌ لاءِ جيڪو شاهه جو طريقو آهي. سنڌي شاعر اسانجي معاشري ۽ اميدن جو ترجمان آهي. سنڌي شعر رنگيني جو نه آهي. حيدرآباد دکن جي دربار، چانڊني چوڪ جي محفلن، لکنو جي چوڪ ۽ امين آباد جي اثر کان بچيل آهي. سنڌي شعر سنڌي نثر سان منسلڪ آهي. خدا جو شڪر آهي جو سنڌي شاعر اردو شاعر جي وضع قطع ۽ منافقي کان بچيل آهي.

سائين منهنجا اڄهو هي ذڪر ڪندي هڪ ڳالهه ياد آئي آهي. ڇا آءٌ پڇي سگهان ٿو ته اردو هن ملڪ ۾ مهاجر ٿي رهندي. جيڪڏهين اسان جي قومي زبان کي پاڪستان ۾ مهاجر رکڻو آهي ته پوءِ ويل ۾ ڦاٿاسين. پاڪستان کي مهاجر اردو مان جان ڇڏائڻي پوندي ۽ ان ڪانسواءِ ٻيو ڪوبه طريقو نه آهي. مهاجر اردو پاڪستان لاءِ عذاب ٿيندي ۽ ان کي جيئرو نه ڇڏيندي. اردو اڃا به جمنا ۽ گومتي جو شڪار آهي. جئين مولانا مظهر ندوي. خلد الله جهله، نيم درون، نيم برون. آءٌ هن مضمون کي ڊگهو نه ڪندس مگر پاڪستان جي اديبن ۽ حڪومت کي عرض ڪندس ته هن مسئلي تي سوچين ڇا اردو مهاجر ٿي اسانجي خدمت ڪري سگهندي ۽ اسان کي ڪم اچي سگهندي. آءٌ پڇي سگهان ٿو ته گذريل چاليهن سالن ۾ اردو ڊوليپمينٽ بورڊ جيڪا موجوده مقتدره آهي، انجمن ترقي اردو ۽ ٻين ادارن سواءِ پئسن وڃائڻ وقت وڃائڻ ۾ مخصوص ماڻهن کي ٿلهو متارو ڪرڻ جي، اردوءَ

Gul Hayat Institute

ڪي پاڪستان جي قومي ۽ زميني زبان بنائڻ ۾ ڇا ڪردار ادا ڪيو آهي. اردو ڊڪشنري ڏانهن نظر ڪريو ڇا اها پاڪستان جي ڊڪشنري آهي ۽ پاڪستان لاءِ موزون ٿي سگهي ٿي. ڇا اردو ڊڪشنري ڪنهن طرح سان به پاڪستاني معاشري لاءِ مددگار ثابت ٿي سگهي ٿي، ڇو اردو ڪي پاڪستان کان ٻاهر جي زبان رکڻ جي ڪوشش ڪئي پئي وڃي. حيران آهيون هنن ادارن جي ۽ انهن جي سرڪردن جي نظريئي تي. ڇا اهي ماڻهو جنڪي پاڪستاني زبانن واسطي ڪو قدر ڪونهي، جيڪي پاڪستان جي ماڻهن جي ثقافت ڪي، هڪ عجيب بي ڍنگي ۽ واهيات نموني سان ڏسن ٿا ۽ پيش ڪن ٿا ڇا اهي پاڪستان جي معاشري ۽ زبان جي کهڙي خدمت ڪري سگهندا. اردو جو ڪم منافقن ۽ لالچين جي حوالي ڪيو ويو آهي. ڪيترا ادارا ۽ شخصيتون جيڪي اردو جي نالي ۾ هر قسم جي بيهودگي ۾ لڳل آهن اهي اگر بند ڪجن ۽ ڪڍي ڇڏجن ته شايد پاڪستان جي زبان ٿي وڃي.

سائين پاڪستان جي چاليهن سالن جي پيچ ڊوڙ ڪانپوءِ اردو پاڪستاني زبان جي درجي ڪي نه پهتي آهي. اردو پاڪستاني قوميت جي رستي ۾ هڪ رڪاوٽ آهي. اسين خواب ۾ آهيون، ڊوڙون ضرور پيا مگر بينا اتي جو اتي آهيون. سائين منهنجا، هن غريب قوم تي رحم ڪريو اڃا ڪيس ڪيترا ذهني، فڪري، لساني ۽ فوجي عذاب ڏيندا. پاڪستان ۾ ڪيترا غدر جا ادارا آهن جنڪي اسين بند ڪريون ته شايد هي ملڪ ذهني فڪري ۽ لساني طرح فطرتي ٿئي ۽ هن زمين سان وابسته ٿئي مگر هي اسانجا سڄڻ فيصلو ۽ تهيو ڪري وينا آهن، ته انڪي نه صحت مند ۽ نه جيئرو ڇڏيندا.

عزيزو! ٻن ڳالهين کي نظر ۾ رکندي هڪ ته آءُ پيشورانه طرح غريب ماستر آهيان ۽ زندگي جا پنجيتاليه سال خوش قسمتيءَ سان استادن، شاگردن، اديبن، شاعرن، ديني عالمن ۽ نوجوانن جي قرب ۽ محبت ۾ گذريا آهن، ۽ هاڻي شاه عبداللطيف ڪلچرل سوسائٽيءَ جو سترنهن سالن کان صدر آهيان ۽ ڪجهه سنڌ متعلق پنهنجي حقير نموني سياسي سوچ ۽ فڪر رکان ٿو؟ مون پاڻ لاءِ هن ڪانفرنس جي موقعي تي آءُ سمجهان ٿو، هن وقت جي لحاظ کان هڪ موزون مضمون چونڊيو آهي، ”سنڌ جي ادبي ۽ فڪري ۽ عوامي وحدت ۽ سياسي ۽ معاشرتي انتشار. اها منهنجي خوش نصيبي آهي جو سائين مخدوم صاحب، ماستري ڪانسواءِ ٻين سڀني خصوصيتن جو بهترين مرڪب ۽ امتزاج آهي. اهڙيون شخصيتون ڪٿان ملن جن جي ملڪ، ان جي عوام، ادب ۽ شعر سان گهري دلچسپي هجي. انهن خصوصيتن سان گڏ پاڻ پنهنجي فقرا جا مرشد آهن. آءُ فقط مخدوم صاحب کي عرض



Gul Hayat Institute

ڪندس ته هاڻي بيباڪ ٿي پنهنجي فرض ادائي مڪمل طور پوري ڪن.

سائين,پاڪستان ۾ حاڪميت, قسمت, يا سازش جي پيدائش رهي آهي. چاليهن سالن جي تجربي اسان کي ڇا بدقسمت قوم بنايو آهي. زار جي زماني ۾ چوندا هئا ته روس ۽ حڪومت جي بدلائڻ لاءِ فقط ٻه بوتلون ووڊڪا جون ۽ ٿورو گهڻو پئسي جو هئڻ ڪافي هو. اسان وٽ بوتلن جو نالو وٺڻ گناهه آهي مگر اسان جا حاڪم سرشار آهن. بوتل اسان جي ملڪ مان گم نه ٿي آهي، باقي بندوق هٿ ۾ هجي ته انقلاب آسان آهي. اسان وٽ انسانن جي زندگي ۽ انهن جي حياتيءَ سان راند کي انقلاب سڏيو ويندو آهي.ڇا انقلاب تمسخر آهي. اسان پنهنجي معاشري جون پاڙون هٿن سان اکيڙي رهيا آهيون. آهي ڪا انهن کي پرواهه ۽ اون.

بابر به عيش ڪوه ڪه عالم دوباره نيست.

خدا رحم ڪري اسان جي نسلن تي. مارشل لا جي ڪري اسان جو معاشرو هڪ عجيب قسم جي فالج ۽ بدحواسي جو شڪار آهي. هن بيماريءَ کان نجات حاصل ڪرڻ ڪو ننڍڙو ۽ آسان ڪم نه آهي.

مارشل لا اسان جي معاشري ۾ ۽ خاص طرح اسان جي وڏيرن ۾ بداخلاقي، بددماغي، بي حيائي ۽ بدحواسيءَ جو اضافو ڪيو. مارشل لا وڏيرن کي سنڌ جو ناخلف اولاد ڪري نمودار ڪيو. حڪومت جي انداز ڪنٽل خانن کي نچڻ ۽ نمائش ۾ مزو ڏنو وڏيرڪي دنيا ۾ زندگيءَ ۾ دماغي توازن ڪڍي ڇڏيو. مصلحت هر فعل، ۽ فڪر ۾ تاري ٿي وئي، زندگي جي ضرورتن کان غير واقفيت اهميت حاصل ڪئي. عياشي اول درجو حاصل ڪيو. ٻاهرين شان ۽ رعب رکڻ ۾ وڏيرا غلطان رهيا. مگر اندر ۾ جاهل، کوکلا، ڪم همت ۽ ويڪو مال ٿي ويا. نمائشي شان ۾ گهر جو ڏيوالو ڪڍيائون. ملڪ ۽ قوم کي ذلالت نصيب ڪيائون. اولاد جي مستقبل جو فڪر مون مشڪل ڪنهن وڏيري ۾ ڏٺو. اولاد کي تباه ڪرڻ جون ۽ خراب ڪرڻ جون سڀ قوتون وڏيري وٽ موجود رهيون ۽ اسان بدقسمتي سان لازمي سنڌ جي سياسي ۽ معاشرتي انتشار کي ڏسي رهيا آهيون. ڇا هنن انسانن جي عمل، فعل، ڪردار ۽ سوچ کي اسين پنهنجي مستقبل جي سنوارڻ جو رستو يا وسيلو سمجهي سگهنداسين. اسان جي وڏيري ۽ سرڪاري ملازم اڳيان علم فهم ۽ دانش ائين ئي آهن جيئن جانورن اڳيان هيرا جواهر.

سائين وڏيرن جي ڇا مقدر سياسي ۽ معاشرتي زندگي آهي. هر هڪ هڪ ٻئي جو دشمن. سڀ هڪ ٻئي جي گلا ۽ غيبت ۾ رڌل. سليقي واري گفتگو جو فقدان, احمقانه ڪم



Gul Hayat Institute

ڪڍهن به شان ۽ شد ۽ مد سان بد زباني جو شڪار سائين، مارشل لا اسان جي سڄي سياسي ۽ معاشرتي زندگي انساني قدرن جي بي حسي، انساني درندگي ۾ مبتلا ڪري ڇڏي آهي. ڇا مارشل لا ۾ نفسياتي ۽ خواهشاتي بداخلاقي چوٽ چاڙهي ڇڏيون آهن. وڏيرڪي دعوتن ۽ شڪارن ۾ زبان ٿي رهي آهي. شڪار جانورن جو هجي يا انسانن جو هجي، حاڪمن جي خوشنودي حاصل ڪندو. مگر مڪار به وڏو اٿو پنهنجو حساب ڪنهن بئنڪ مان، ڪنهن ڪارخاني مان، ڪنهن ڏِل جي چوريءَ مان ضرور حاصل ڪندو. سائين، جهالت، غرور، مڪاري ۽ عياشي جو پراڻو تعلق رهيو آهي ۽ گهري دوستي رهي آهي. ڇا هن ۾ ڪا سنڌ کي نجات ملندس. تشريش ضرور ٿئي ٿي ڏپ ضرور وڻيو وڃي.

سائين، ملڪ، قوم ۽ عوام جي فڪر ۾ بلند همت ۽ محنت وڏو درجو رکن ٿيون. سياسي پارٽيون ۽ تنظيمون هڪ ننڍڙي مخصوص دائري ۾ ۽ محدود مقصد سان ڪم ڪن ٿيون ۽ انهن جي رڪنيت محدود آهي مگر ملڪ ۽ قوم ۽ فڪر ۽ عوام وسيع نظريا آهن. ڪا به سياسي پارٽي يا ڪابه تنظيم ملڪ کان وڏي، مٿي، اول، افضل يا وسيع نه آهي. ملڪ اول ۽ وڏو آهي. سياسي پارٽي يا ٻي ڪا تنظيم گهٽ ۽ هيٺ آهن. سياسي پارٽيون يا معاشرتي ادبي تنظيمون ڪنهن غرض ۽ مقصد لاءِ هونديون آهن. ڪن جو وجود هڪ روايتي، قانوني يا اخلاقي نظرئي هيٺ قائم ٿيندو آهي. سياست کي ملڪ ۽ قوم تي ترجيح نه آهي. سياسي پارٽين لاءِ ضروري آهي ته قوم ملڪ ۽ عوام جي مفهوم ۽ دائري ۾ ڪم ڪن گانڌي چوندو هو ته هندوستان ڪانگريس کان وڏو ۽ اول افضل آهي. امريڪا جي باني پنهنجي آزادي جي اعلان ۾ ملڪ ۽ قوم کي نظر ۾ رکيو ۽ امريڪا لاءِ فڪري حدون تعين ڪيون. فريڊرڪ اعظم، بسمارڪ، ڪانٽ ۽ نيشٽي جرمنيءَ کي جاگرافيائي ۽ فڪري وجود تعين ڪري ڏنو. ميان مائو صاحب چين کي عوامي ۽ فطري وحدت نصيب ڪئي. انگلنڊ جي راڻي ايلزبيٿ ۽ شيڪسپيئر ۽ بعد ۾ ٻين اديبن ۽ مفڪرن انگلنڊ کي ملڪ ۽ قوم جو تصور ڏنو. سائين ادب عوام ملڪ ۽ سياست جو گهرو لاڳاپو آهي. اسان وٽ عوام ادب ۽ شعر ۽ فڪر جي وحدت هوندي سياسي انتشار تي تعجب ڪائيندو آهيان. غصو به ايندو آتم ۽ انجي تدارڪ جي ڪوشش ۾ به رڌل آهيان. خدا جي فضل سان منهنجيون پاڙون هن زمين سان آهن. ڀهراڙي ۾ سنڌ جي روايتن ۽ تاريخ ۾ آهن. مونکي تعليم ۽ تربيت سنڌ ۾ ۽ ٻاهر نصيب ٿي. مونکي سنڌ جو احساس منهنجي ماءُ جي کير ۽ پيءُ جي پيار ڏنو. فڪر مطالعي ۽ تحرير سان دلچسپي سڄي زندگي جي سبق ۽ تجربي نصيب ڪئي. ماستري ڇڏي جڏهن استيفعا ڏنم ته اهو تهيو ڪيم ته آزاد رهندس ۽ سنڌ



Gul Hayat Institute

جي پنهنجي نماڻي نموني زبان ۽ قلم سان خدمت ڪندس، لکندس ۽ پڙهندس ۽ ڪنهن جي نوڪري نہ ڪندس. خدا جو شڪر ڪيم جو حاڪمن جي نوڪري کان آزادي ملي. منهنجي نظر هن وقت فقط خدا جي بندگي ۽ رضامنديءَ ۾ آهي: الله تبارڪ ڪجهہ وسائل نصيب ڪيا هئا جن محتاجي کان بچايو هو ۽ بهترين تعليم ۽ تربيت نصيب ڪئي هئي ۽ سنڌ جي عظيم ترين بزرگن جي سائي ۾ رهي ڪجهہ حاصل ڪيم. دنيا ڏٺم ۽ دنيا جي اول درجي جي مفڪرن، اديبن، مورخن ۽ رهبرن سان ملڻ ٿيو. الله تعاليٰ لالچ ۽ هوس کان بچائي رکيو. محنت ۽ جفاڪشي جو ترهو هميشہ ساڻ رهيو. ڪيڏانهن هٿ ڏگهارڻ کان بچائي رکيو. الله سائين وڏي نعمت نصيب ڪئي، دعا آهي تہ الله تبارڪ سندس اهو فضل آخري گهڙين تائين برقرار رکي نصيب ڪري.

عزيزو! آءٌ اسانجي سياستدانن کي عرض ڪندس تہ اوهين عقل ڪل نہ آهيو نہ عالمِ ڪمال آهيو. توهان جي سياست ۾ سنڌ ملڪ سنڌي قوم ۽ سنڌي عوام جو فڪر نظريئي جي وحدت ضروري آهي. نہ تہ اوهين ظالم آهيو، ٺڳ آهيو ۽ چور آهيو. سنڌي سياستدانن کي شاعر جي سنڌ ۽ سنڌي قوم ۽ عوام وارو اديبن ۽ شاعرن جو نظريو تسليم ۽ قبول ڪرڻو پوندو نہ تہ گمراهي نصيب اٿوَ ۽ هٿوراڙيون ڏيندؤ ۽ گمراه رهندؤ ۽ پنهنجي طاقت ۽ پنهنجو وقت وڃائيندؤ قوم ملڪ ۽ عوام کي مصيبت ۾ وجهندؤ. شل اسان جي سياستدان ۽ سياسي پارٽين کي الله سائين عقل ۽فهم، دل ۽ دانش نصيب ڪري جيڪا اديبن ۽ شاعرن کين سنڌ ۽ سنڌي قوم ۽ سنڌي عوام متعلق ورثي ۾ ڏني آهي. آئون سنڌ ۾ سڀني سياسي پارٽين کي وري عرض ڪندس تہ گانڌي وارو نظريو رکو جو ڪانگريس جو پڻ آنن وارو ميمبر بہ نہ هو ۽ بلند آواز ۾ چوندو هو تہ هندمتان ۽ هندستان جا ماڻهو ۽ انجو عوام ڪانگريس کان وڏا، اول ۽ افضل آهن. هندستان جي مقابلي ۾ ڪانگريس هڪ سياسي پارٽي ڪجهہ بہ نہ آهي. سياست ڪنهن مقصد حاصل ڪرڻ لاءِ آلہ ۽ ذريعو آهي. سائين آءٌ بہ چوندس تہ سنڌ جون سياسي پارٽيون سنڌ، سنڌي قوم ۽ سنڌي عوام اڳيان حقير آهن ۽ نہ انهن کي فضيلت حاصل آهي. جيسين نظرياتي طرح عملي طرح سنڌ سنڌي قوم ۽ سنڌي عوام کي اهو بلند درجو نصيب نہ ٿيو آهي تيسين سڀ سياست منافقانہ ۽ دغا بازي جي آهي ۽ سڀ اعلان ڪوڙ آهن. سياستدان جڏهن اديب، شاعر ۽ استاد ۽ عالم جي دل رکندا ۽ وحدت فڪر رکندا تڏهن اسان کي اميد ٿيندي ۽ سنڌ کي ڪاميابي نصيب ٿيندي. سائين معاف ڪجو ڪڪر کي ڪڙو هنيو اٿم مگر اسان جي سياستدانن جي سنڌ متعلق فڪري ۽ ادبي ڪمزوري ايڏي آهي جو خدا ڪري هنن گرزن هيٺ ڪانپوءِ ڪجهہ سوچين احساس ٿين

معاشري جي نالي ۾ ڪِڪِل ڪاڌا. عزت حاصل ڪئي. علم ۽ خوش نصيبي ڏٺي. هاڻي ڇو هن ذهني، جسمي ۽ روحاني مرض ۾ مبتلا آهيو. ڪو معاشرتي ڪم ڪو لکڻ جو ڪم. ڪنهن اداري سان وابستگي، ڇا توهان لاءِ فقط بنگلي ۽ فرنيچر.- موٽر ۽ ڪلب جي بندگي وچي رهي آهي. ڪيڏانهن وئي توهان جي تعليم، فني مهارت. توهان جون سنڌ سان محبت جون ڳالهيون ۽ قصا. هاڻي ته توهين معاشري لاءِ عذاب ۽ ان تي عتاب آهيو. کهڙي نشتر لڳي. ڇا توهان جي ڪڏن ڪمن توهان مان ذهن. فڪر، علم، همت ۽ احساس سهڪي ڇڏيا. ڇا توهان جي هٿن لکڻ ڇڏي ڏنو آهي. توهان جي ذهنن خير جي ڪم کي وساري ڇڏيو آهي. اسان جا سنڌي آفيسر ڪرسين ۾ يا رٽائر ڪرڻ وارا پنهنجي فعل ۽ احساس ۾ اسان لاءِ خواري آهن.

سائين چڱو آهي ته اڻون هن طويل ڪوڪ کي ختم ڪريان. واڪا ڪرڻ ڪم اسانجو من ٻوڙا ۽ نادار ٻڌن. سائين هيءُ اسان جي چاليهن سالن جي انتشار جي تاريخ آهي سنڌ جي عالمن، اديبن، شاعرن، سياستدانن ۽ نوجوانن ۾ ١٩٤٧ع کان اڳي هڪ وحدتِ فڪر ۽ عمل هئي جيڪا اسين ١٩٤٧ع جي غلاميءَ کانپوءِ وڃائي ويٺا آهيون الله خير ڪري ۽ رحم ڪري سائين مونکي يقين آهي ته سنڌ جو مستقبل سنڌ جي عوام، سنڌ جي اديب ۽ سنڌ جي سياستدان جي وحدت فڪر ۽ عمل ۾ آهي. اسان جي سنڌ جي سياست ته پاڳل خانو بنجي وئي آهي. ڊاڪٽر جانسن چوندو هو ته ڇا پاڳل به يڪمشت ٿي سگهن ٿا. اسان جي هنن سياستدانن کي واڙي گدو بندر پهچائجي ته بهتر ٿيندو.

Gul Hayat Institute

## غلام رباني آگرو

# يادگيريون

**قبله سائين مخدوم صاحب**
**لائق صد احترام، سائين غلام مصطفيٰ شاهه صاحب**
**معزز خواتين وحضرات**

سنڌ کي درويشن جو ديس ڪوٺيو ويو آهي. ڊي.ڊي. ڪوسمبيءَ جي تحقيق موجب طلوع اسلام کان اڳ، سنڌي معاشري جي اتحاد ۽ ايڪي جو سبب "قوت" نه پر "مذهب" هو. موهن جي دڙي واري تهذيب جا رهاڪو لامذهب نه پر سخت مذهبي ماڻهو هئا.

طلوع اسلام کانپوءِ سنڌ جيڪي عالم ۽ محقق پيدا ڪيا، تن سنڌ جو نالو اسلامي دنيا ۾ ايڏو ته روشن ڪيو، جو مولانا جلال الدين روميءَ جهڙي باڪمال شاعر اهل سنڌ کي خراج عقيدت پيش ڪندي فرمايو ته

هنديان را اصطلاح هند مدح
سنديان را اصطلاح سنده مدح

لاهور جي اداره ثقافت اسلاميه تازو هڪ ڪتاب ڏهن جلدن ۾ شايع ڪرايو جنهن جو نالو آهي فقهائي هند ڪتاب ۾ سڄي هندستان جي ممتاز فقيهن جو تذڪرو آهي.جن ۾ هڪ سو کان وڌيڪ فقيه تاجي پيڻي سنڌي آهن ۽ سندن تحريرن ۽ تصنيفن سڄيءَ اسلامي دنيا کي متاثر ڪيو آهي.

سنڌ ابومعشر سنڌيءَ جهڙا پنهنجي وقت جا امام پيدا ڪيا، جنهن جو علمي مرتبو ايڏو ته بلند هئو، جو جڏهن وفات ڪيائين ته خود خليفي هارون رشيد سندس جنازي نماز پڙهائي.

سڄيءَ اسلامي دنيا ۾ گذريل چوڏهن سو ورهين ۾ ٽي ماڻهو پيدا ٿيا جن سيرت نبويءَ

Gul Hayat Institute

جا بنيادي ماخذ لکيا. انهن ۾ ابن اسحاق دنيا جو پهريون پهريون سيرت نگار هو، جنهن جي تصنيف ۾ ترميم ۽ اضافو ڪري بعد ۾ ابن هشام سيرت نبويءَ جو پهريون پهريون مستند ڪتاب لکيو. سيرت جو دنيا ۾ ٻيو اهم ڪتاب طبقات ابن سعيد جي نالي سان مشهور ٿيو،جنهن جي مصنف ابن سعد جو استاد واقدي هو ۽ اهو واقدي خود ابومعشر۳ سنڌيءَ جو شاگرد هئو ۽ حضور جي سيرت يا مغازيءَ جا پهريان پهريان سبق به سنڌ جي هن عالم کان ورتا هئائين.

جيئن سنڌ کي ئي اهو شرف نصيب آهي ته هتي جي هڪ عالم قرآن مجيد جو پهريون پهريون ترجمو ڪيو، تيئن دنيا ۾ حضور جي خطن جو پهريون پهريون مجموعو حڪايت النبي جي نالي سان ابوجعفر ديبليءَ مرتب ڪيو، جو دمشق جي ظاهريه ڪتبخاني ۾ موجود آهي.

اوهان ٻڌي چڪا آهيو ته برصغير ۾ قرآن ڪريم جي پهرئين پهرئين فارسي ترجمي جو اعزاز به قدرت سنڌ کي نصيب ڪيو. سيدنا حضرت مخدوم نوح جي انهيءَ ترجمي جي طباعت ۽ اشاعت جو ڪم، ايڏو ته محنت طلب هو جو ان کي مڪمل ٿيڻ ۾ ويه ورهيه لڳي ويا. قدرت منهنجي هٿان مڪمل ڪرايو. مون کي بجا طور ان سعادت تي تا عمر فخر رهندو. مخدوم طالب المولىٰ سائين ان سلسلي ۾ مون کي جيڪو محبت ڀريو خط لکيو اهو مون وٽ محفوظ آهي.

جيئن اوهان سڀ ڄاڻو ٿا ته، مخدوم نوح عليه رحمته پنهنجيءَ جاءِ تي سنڌي زبان جو هڪ بلند پايي شاعر به هو. درحقيقت سنڌ جي تصوف جي مکيه مرڪزن جا مڙيئي مورث اعلىٰ پنهنجيءَ پنهنجيءَ جاءِ تي عظيم ديني رهنما هئڻ سان گڏ وڏي پايي جا انشا پرداز، عالم، اديب ۽ بعض اوقات شاعر پڻ هئا. افسوس آهي ته اڄ انهن مرڪزن مان گهڻن تڻن ۾ واري ڀيٽي وري. دين سان گڏ علم ۽ ادب به موڪلائي ويو، بلڪ اهي ڳالهيون ئي ختم ٿي ويون ، جن جي ڪري انهن خاندانن جي ملڪان ملڪ مشهوري ٿي هئي. انهي صورت حال ۾ اها اسان سڀني جي خوش نصيبي آهي ته مخدوم نوح جي متبرڪ خاندان ۾ اڄ به علم جي شمع روشن آهي. ۽ اها سعادت فقط سروري درگاه جي سجاده نشين مخدوم محمد زمان طالب المولىٰ سائين تائين محدود ڪانهي، پر سندس پٽ ۽ سندس پوٽا، سنڌ سان محبت ۽ علم و ادب سان آشنائيءَ ڪري ممتاز آهن. مخدوم صاحب جي پوٽي جميل الزمان جا ٻه شعر جا ڪتاب مون کي اسلام آباد ۾ تحفي طور پهتا آهن.

طالب المولىٰ سائين جي ته خير شناخت ئي اها آهي ته هو اديب ۽ شاعر ۽ علم و ادب جو

سرپرست آهي. مون کي گڏريل چوٽيهن ورهين کان سندس نيازمنديءَ جو شرف حاصل آهي. منهنجي سائن ڀيرين ڀيرين ملاقات غالباً سن ١٩٥۴ع ۾ ٿي هئي. ان وقت پاڻ قوهه جوانيءَ ۾ هئا ۽ مان گهڻن ئي هتي موجود دوستن جي شاهدي واري چئي سگهان ٿو ته پاڻ گلاب جي گل وانگر حسين هئا. اها ڀيرين ڀيرين ملاقات به هڪ ادبي مجلس ۾ ٿي هئي. جا سندن عامل ڪالونيءَ واري رهائش گاهه تي منعقد ٿي هئي. ٽيهن چوٽيهن ورهين جي انهيءَ عرصي دوران پاڻ جيڪي ادبي خدمتون سرانجام ڏنيون اٿائون. بزم طالب المولىٰ سميت، جن ادبي انجمنن جي سرپرستي ڪئي اٿائون. جن ادبي رسالن جي اشاعت ۾ هٿ ونڊايو اٿئون، جن ادبي ادارن جي صدارت فرمائي اٿئون، جيڪي ڪتاب لکيا اٿائون، اوهان انهن کان بخوبي واقف آهيو.

پر جا ڳالهه مان اوهان جي خدمت ۾ عرض ڪرڻ گهران ٿو سا هيءَ آهي ته گهڻا ئي شاعر ۽ اديب، ادب جي ميدان جا ميجيل شهسوار هوندي به شعور ۽ فرض ادائي جي خيال کان خالي هوندا آهن. سندن ڪلام ۽ ڪتاب پلاسٽڪ يا ڪاغذ جي گلن وانگر سرهاڻ ۽ تازگيءَ کان محروم هوندا آهن. چون ٿا ڪنهن مجلس ۾ سوال اٿيو ته ادب جو دروازو ڪيڏو وڏو آهي؟ ڪنهن چيو ته ايڏو وڏو آهي جيترو زمين ڪان آسمان تائين مفاصلو. ڪنهن ڪيئن چيو ته ڪنهن ڪيئن چيو. ان مجلس ۾ ڪو باڪمال بزرگ به موجود هو، ان سيني کي سمجهايو ته ادب جو دروازو ايڏو ته ننڍو آهي، جو جڏهن اوهان ان مان اندر داخل ٿيندا ته اوهان کي ڪنڌ نمائي نياز ۽ نوڙت سان اندر پير رکڻو پوندو. مان سمجهان ٿو ته اهو مقولو طالب المولىٰ سائين جي شخصيت تي سورهن آنا صادق آهي. حقيقت اها آهي ته اهو مجسمه اخلاق آهي. اڳوڻن بزرگن جي ڪمال جون ڳالهيون ڪتابن ۾ پڙهندا آهيون ته ڪين پنهنجي پاڻ تي ايڏو ته ضابطو هوندو هو، جو ڪڏهن ڪاوڙ ئي ڪانه ايندي هئي. ويهين صديءَ ۾ ان حقيقت جو مشاهدو ڪرڻو هجي ته طالب المولىٰ سائين سان ڪچهري ڪجي. گڏريل چوٽيهن ورهين ۾ مون سواءِ هڪ دفعي جي ڪين ڪڏهن به ڪاوڙ ۾ ڪونه ڏٺو. هونئن مون سندن مزاج جا ڪيئي روپ ڏٺا آهن پر ڪين ڪڏهن به ڪاوڙ ۾ ڪونه ڏٺو اٿم. ڪانئن ڪيئي ڏاهپ جا نڪتا ٻڌا اٿم. هڪ دفعي مون کي چيائون ته رباني ٽڪجي ٿو ماٺهو جو خيال. جسم جوٽڪ ڪا ڳالهه نه آهي.

سنڌ جي عظيم فرزند علامه آءِ.آءِ. قاضي سان ڪين ذاتي محبت هئي. جڏهن علامه صاحب وفات ڪئي ته سنت مون کي مخدوم صاحب سان گڏ لاهور وڃڻو پيو. هوائي جهاز ۾ اسان جون ڪرسيون گڏوگڏ هيون. پاڻ ڪنهن خيال ۾ هئا. اوچتو علامه صاحب جو ذڪر

Gul Hayat Institute

ڪري مونکي چيائون ته ھي فارسي بيت خبر نه آھي ته ڪنھن جو آھي پر ڪيڏو نه با معنيٰ آھي ته عزم جي راھ ايڏي ته ھموار آھي، جو جنھن ان تي پير رکيو تنھن وري ڪنڌ ورائي پوئتي نه نھاريو.

ھڪ دفعي پاڻ ڪنھن ذاتي معاملي تي بيحد رنجيده ھئا. مان ان تفصيل ۾ نٿو وڃان. مان وٽن ويٺو ھوس. پاڻ ڏک ۾ ورتا پيا ھئا. نوڪر اچي اطلاع ڏنو ته سائين مختيار ڪارصاحب آيو آھي. چئي ٿو ته سائينجن اڄ ملاقات جو ٽائيم ڏنو ھو. ڪنڌ مٿي ڪٺي چيائون ته ابا چئوس ته اڄ ته اسين پنھنجو پاڻ سان به ملاقات ڪونه ٿا ڪريون.

مان اھڙا بيشمار مثال اوھان کي ٻڌائي سگھان ٿو جي ان ڳالھه جي شاھدي ڏيندا ته ھي اديب ۽ شاعر جو اوھان جي وچ ۾ ويٺو آھي، سو ڪيڏو نه وڏو اھل دل انسان آھي. ۽ منھنجي خيال موجب مخدوم صاحب جي عظمت جي مکيه نشاني اھائي آھي ته ھو قافيه پيمائي ڪندڙ ۽ لفظن جي ٺاھ ٺوھ ڪري شعر لکندڙ شاعر نه پر ھڪ وڏو اھل دل انسان آھي. ۽ اھا ڳالھه منھنجي خيال موجب کيس قدرت ورثي ۾ ڏني آھي.

سائين جي.ايم سيد مون سان ھڪ پيري ڳالھه ڪئي ته سندن والد بزرگوار مخدوم غلام محمد سائين جي محمد فقير کٽياڻ سان گھڻي محبت ھوندي ھئي. مخدوم صاحب جن ته خير سنڌ جا مڃيل اھل طريقت پير ھئا پر محمد فقير جي رنديءَ ۽ سرمستيءَ جو اھو حال ھو جو جڏھن مخدوم صاحب سان ملڻ ايندو ھو تڏھن ھالن جي وچ بازار مان نچندو، ڳائيندو، وڄائيندو ايندو ھو.

ھڪ پيري اھڙي ئي دلبرانه انداز ۾ آيو. مخدوم صاحب جن ھڪ وڏي ڪمري ۾ ڪنب وٺيو ويٺا ھئا، جنھن ۾ فقط ھڪ وڏو غاليچو وڇايل ھو. محمد فقير ٻيءَ ڪنب ۾ وڃي ويٺو. ڪو اڌ منو پھر گذري ويو. ٻنھي ڄڻن مان ڪنھن ھڪ اکر به ڪونه ڳالھايو. پوءِ محمد فقير سک سان موڪلائي ويو. سائين جي.ايم.سيد چيو ته مون جڏھن اھا ڳالھه ٻڌي تڏھن ڏاڍي حيرت لڳم ۽ سنڌ جي ڪنھن ڏاھي سان اھا ڳالھه ڪيم. ڪلي چيائين ته شاھ صاحب الله وارن جون الله وارن سان ڪچھريون ائين ئي ٿينديون آھن.

ھفتو ٻه اڳ طالب المولیٰ سائين ھوا بدلائڻ لاءِ ڪوھ مريءَ ۽ راولپنڊي آيا. درحقيقت گذريل سال مون به ڪين اھڙو مشورو ڏنو ھو جو سندن صحت جي ناسازيءَ جون خبرون ٻڌندو رھندو ھوس. سندن عقيدتمند رئيس محمد عثمان چانيھو به ساڻن گڏ ھو. مون مريءَ ڪين فون ڪئي ته سياڻي موڪل اٿم مان اچان ٿو. پاڻ فرمايائون ته تون نه اچ اسان پاڻ پنڊيءَ اچون ٿا. ھت مينھن ۽ جھڙ ڪڪ ڪيو آھي.اسان لاءِ ڪنھن ھوٽل ۾ رزرويشن ڪرائي

چڏ. پاڻ آيا. مون سندن سٽر سفر ۽ دعوتن جا ڪي پروگرام رٿيا. مون کي حيرت لڳي جڏهن ڏٺم ته مون سان ۽ پنهنجي فرزند رفيق الزمان سان هيڏي هوڏي هلڻ جي هانو هانو ڪندا رهيا پر هوٽل جي جنهن ڪمري ۾ هيڪر داخل ٿيا، ته ان مان وري تڏهن ٻاهر پير ڪنيائون جڏهن ڪين ڪراچي ۽ لاءِ ايئرپورٽ تي وڃڻو پيو . مون سندن طبيعت جو عجب رنگ ڏٺو، جو دلاويز هو پر پنهنجي جاءِ تي تشويشناڪ به هو. اوهان سيني سائڻ محبت ڪندڙ هت موجود آهيو. اوهان جي محبت جي تقاضا اها آهي ته مخدوم صاحب جي اڪيلائي جو علاج ڪيو. اڪيلائي ان ڪري چوان ٿو جو پنڊي ۽ ۾ ڪچهري ۽ دوران هيڪر مون سان اهڙو اظهار ڪيائون هونئن نه ته اهو ڪير نٿو ڄاڻي هو نو لکي گودڙي ۽ جو سردار آهي ۽ سنڌ جا هزارين انسان سندس هٿن چمڻ کي پنهنجي وڏي ۾ وڏي سعادت سمجهن ٿا.

اسان سڀ سنڌ جي ڪلچر ۽ ثقافت جو ذڪر ڪندا آهيون ته سنڌ جي پنهنجي هڪ خاص انوکي ۽ انفرادي ثقافت آهي، جنهن ۾ موتئي جي مهڪ آهي. مان سمجهان ٿو ته سنڌ ۾ انهي ۽ ثقافت جا نشانبر جيڪي هن زماني ۾ وڃي بچيا آهن تن ۾ مخدوم صاحب جو نالو سر فهرست آهي. مون کي شدت سان احساس آهي ته مخدوم صاحب گوشه تنهائي انڪري اختيار ڪيو آهي جو ڪيس ڪنهن طرح اهو احساس آهي ته سنڌ جا اهل دل انسان به پٿر جا صنم آهن، جيڪي ڪيس وساري وينا آهن.خدا ڪري جو شال ائين نه هجي.

جيستائين سنڌ سان سندس محبت جي سلسلي جو تعلق آهي ته مان هڪ شعر پڙهڻ گهران ٿو جو سندس تازي ڇپيل ڪتاب "بي پير اکيون" ۾ گذريل رات پڙهيو اٿم. فرمائين ٿا.

جنهن ۾ پيٺائي آهي پلاروــ هاڪ انهي جي هلي هلي
اڪ اجائي جيڪو ڪٽندو، چڙيو انهي ۽ کي پلي پلي
روز ازل کان آهيم لاتو، ڳٽن پري ۽ کي ڳلي ڳلي
طالب المولیٰ سنڌڙي پرچيان، ڪير ٿئي جو جهلي جهلي

ٻيا به ٿي شعر به ڏاڍا وڻيا. ڪالهه اسلام آباد مان جهاز جي فلائيٽ ليٽ ٿي ويئي هئي. مان وقت جو فائدو وٺي سندن شعر پڙهندو آيس اوهان به لطف اندوز ٿيو. فرمائين ٿا.

عمر عاجزن سان نه ڪر مال مستيون
هلي ڪين سگهنديون اهي هوڏ هستيون.

هنيم ڪکر ۾ ڪڙو
ڏينهو ڏاهپ جا ويا اڏامي



Gul Hayat Institute

ڪنهن جي آهيان عشق الستيءَ ۾
ڪنهن جي ها ڪ حسن جي هستيءَ ۾
ڪنهن جي پيتل اک جي مستيءَ ۾
ڪنهن آهو چشم جو تير آهيان

گل جي خوشبو ٻنڙي گهڙيون
تون تہ سدا ھڪار

تنهنجو وات گلاب
طعنا، ٽنڪا، مهڻا، مٺايون.

Gul Hayat Institute

ٿئي. اهڙي طرح ڪنهن به زبان جي بقا لاءِ ادب ساڳيو ئي ڪردار ادا ٿو ڪري. جهڙي طرح خون جي رواني ۾ ڪنهن به گندگي يا ڪثافت جو ڪردار نٿو ٿي سگهي. ساڳي طرح سان ادب ۾ به ڪا رڪاوٽ زبان کي هٿي نٿي ڏئي سگهي جيستائين تعلق آهي اسان جي ادب جو ته سنڌ اها خوش نصيب سر زمين آهي جنهن تي هميشه انهن صوفين بزرگن ۽ ولين جي ڇپر ڇانو رهي آهي. جن پنهنجي فيض جو سلسلوئي ادب سان ئي شروع ڪيو. سنڌن ڪلام، سنڌن بيان جيڪو اڄ اسانجي علم جو هڪ وڏو خزانو آهي. جنهن جي فيض ڪان اسان فيضياب ٿي رهيا آهيون. جن جي ذڪر ڪانسواءِ اسان جي علم ادب جي تاريخ نٿي مڪمل ٿي سگهي. اهو خزانو اسان سان گڏ آهي. چاهي سچل سرمست هجي شاهه سائين هجي. اسان انجي جادو ڪان سحر ڪان آزاد نٿا ٿي سگهون. ۽ نه ئي ٿيڻ چاهينداسين. صديون گذري ويون آهن اڃا تائين اسان انهن جي ڪلام کي سمجهڻ جي ڪوشش ۾ آهيون. اهي فڪر ۽ علم و ادب جا موتي آهن جن جي بنياد تي اڄ اسان وٽ وڏا وڏا عالم ۽ محقق پيدا ٿيا آهن. ان دعوي سان ته هو انهن جي فڪر کي سمجهي چڪا آهن. ۽ ٻين کي سمجهائڻ جي ڪوشش پيا ڪن پر محسوس ائين ٿو ٿئي ته انهن جي فڪر ۽ فلسفي کي جيڪو شعر ۽ ادب جي صورت ۾ اسان وٽ موجود آهي هن مهل تائين ڪو به سمجهي سگهيو آهي ۽ نه وري ڪنهن کي انهي مفهوم ۽ معنيٰ سان سمجهائي سگهيا آهن. انهن لاءِ وري به صديون کپن ۽ ان لاءِ شايد وري ڪنهن سچل يا شاهه لطيف جي ضرورت پيش اچي. جيڪو انهيءَ فڪر ۽ فلسفي کي اڳتي هلائي.

اسان جي زمين وري به خوش قسمت آهي ته وقتا فوقتا وقفي وقفي سان اهڙيون شخصيتون بهرحال اسان جي سامهون اچن ٿيون جيڪي جيئن ڪنهن هار منجهه موتي هڪ هڪ ڪري پوئجي تيئن ان سچي سلسلي کي روان دوان رکيو پيا اچن. ڳالهه جيستائين موجوده زماني جي آهي ۽ ذڪر جيستائين اديبن ۽ ادب جي ڪردار جو آهي. مان ائين ٿي چوان ته سنڌي زبان ۾ وڏي همه گيري، وسعت ۽ گهرائي آهي. اها ڳالهه محض انهيءَ ڪري نٿي چوان ته اها منهنجي زبان آهي. پنهنجي زبان سڀني کي وڻندي آهي. ۽ مڃڙي به لڳندي آهي پر جيڪڏهن ان کي دنيا جي معيار تي پرکجي ته توهان کي هيءَ زبان هر طرح سان انهن سڀني پيمانن تي ۽ معيارن تي پوري لهندي محسوس ٿيندي. جيڪي ڪنهن به زبان کي زنده رکڻ لاءِ مقرر ڪري سگهن ٿا.

جيئن مخدوم صاحب جن فرمايو ته اسانجي زبان ۾ ايتري گهرائي آهي، ايتري وسعت آهي جو چاهي دنيا جون ڪيتريون به زبانون يا ان جا اکر ان ۾ شامل ٿين ته انهن کي پاڻ ۾ جذب



Gul Hayat Institute

۾ اڄ به اها سگهه آهي جو انهيءَ زبان ۾ اهڙو ادب تخليق ڪري سگهون. جيڪو نه صرف انکي باقي رکي، بلڪ ايندڙ نسل به ان تي فخر ڪن. باقي منهنجون ڪجهه گذارشات آهن، جيڪي اسان سڀني سان تعلق ٿيون رکن. جيستائين احساس جو تعلق آهي تقريرن ڪرڻ جو تعلق آهي، ٺهراءُ بحال ڪرڻ پاس ڪرڻ جو تعلق آهي ڪانفرنسز ڪرڻ جو تعلق آهي. ان ۾ اسان سڀ شينهن آهيون. ڪاڪمي ڪوناهي نه ٿي آهي مقالا پڙهڻا هوندا منهنجي خيال ۾ ڪنهن به موقعي لاءِ اسان کي بيشمارمقالا پڙهندڙ ملي ويندا. تقريرون ڪرڻيون هونديون اسان تمام آرام سان تقريرون به ڪري ويندا سين. پر جڏهن انهن تقريرن ۽ مقالن تي عمل ڪرڻ جو موقعو ٿو اچي ته ان ۾ اسان جو ني پڙهيل ۽ اديب طبقو يا پڙهيل ڳڙهيل طبقو ان ۾ پوئتي رهجي ٿو وڃي. هيءُ مان هڪڙيءَ جو مثال نه آهي بلڪ جيئن ته ڊاڪٽر سليمان شيخ هتي ويٺا آهن جيڪي هن راهه جا تمام پراڻا راهي آهن. اسان سڀن کي انهن جو ٿورائتو ٿيڻ گهرجي هن نموني انهن ڪنهن به پليٽ فارم تي ويهي سنڌ ۾ اسان جي نوجوانن ۾ سجاڳي آندي، شعور بيدار ڪيو، انهن کي خبر هوندي ته انهن ڪيتريون التجائون ڪيون هونديون ڪيتريون ئي اپيلون ڪيون هونديون ته مهرباني ڪري سنڌي پڙهو، سنڌي ڳالهايو، سنڌي ڪتاب وٺو سنڌي اخبارون وٺو پر اڄ به اسان جي ڪنهن به ڪتاب جي اشاعت هڪ هزار ڪاپين کان وڌيڪ ناهي ۽ ان ڪانپوءِ الميو اهو آهي ته اهي هڪ هزار ڪاپيون به سالن کان پوءِ به وڪجيو نٿيون سگهن. ڇا اسان ۾ هڪ هزار به سنڌي پڙهيل ڳڙهيل ڪونهن؟ اهو هڪڙو وڏي ۾ وڏو سوال آهي. جيڪڏهن ڳالهه اها آهي ته ڪتاب مهانگا ٿا ڇپجن ته جتي اسان هيترين قربانين جا ذڪر ٿا ڪريون اتي جيڪڏهين پنهنجي ليکي يا پنهنجي هڙ مان ٿوري قرباني اها به ڏيون. مهانگو ئي سهي ڪتاب ته توهان جي ٻوليءَ جو آهي. اسان جو آهي. اسان نه پڙهنداسين ته ڪير پڙهندو؟ اها ڳالهه مان انهيءَ ڪري به انهيءَ پليٽ فارم تي ڪرڻ ٿي چاهيان ته مان جنهن اداري جي سربراهه آهيان اتي انهن جي ٻين سيڪشن مان هڪڙو سيڪشن اشاعتي ادارو به آهي. پبليڪشن سيڪشن جتي اسان سنڌ جي تاريخ، تحقيق، علم وادب ۽ انجي مختلف موضوعات تي ڪتاب ڇپرايون ٿا. مونکي ذاتي طرح سان خبر آهي ته ڪيترين تڪليفن سان، ڪيترن ڏکن سان ۽ ڏاجهرن کان پوءِ اسان وٽ ايترا پئسا ٿين ٿا جو اسان انهن موضوعات تي ڪتاب ڇپرايون ۽ ان کان پوءِ وڏي تڪليف ان مهل ٿئي ٿي جڏهن ان ڪتاب جي وڪري جي لاءِ اسان کي هڪ هڪ کي منٿ ۽ ميڙ ڪرڻي ٿي پوي ته مهرباني ڪريو هي اسانجا ڪتاب اوهان وٺو. اها صورتحال مان سمجهان ٿي اڄ اسانجي علم

Gul Hayat Institute

و ادب جي همدردن لاءِ قابل غور هئڻ کپي ۽ مونکي خبر آهي ته هتي اسان سڀ تمام دل جي خوشيءَ سان، گهرائيءَ سان، محبتن سان هتي اچون ٿا، ڇو ته ڳالهه اسان جي پنهنجي ٻوليءَ جي ٿئي ٿي پئي. ۽ اسان انڪي ٻڌڻ جي لاءِ آتا آهيون.

پر هاڻي وقت اچي ويو آهي بلڪ ڪڏهن ڪان اچي ويو آهي ته هاڻي ٻڌڻ ڪان علاوه ڪجهه ڪيون به سهي ڪجهه ڪرڻ جو وقت آهي . اسان جي شاگرد طبقي الاهي قربانيون ڏنيون آهن. مان بحيثيت استاد ڇو ته مان پڙهايان به ٿي ۽ اهڙي حساس جاءِ تي ويٺي آهيان جنهن کي سنڌ يونيورسٽي چيو وڃي ٿو. جيڪا گهڻن الزامن جي زد ۾ آهي. ۽ جيترا عذاب هتي گذرن ٿا انهن مان، مان پاڻ به گذران ٿي ڇو ته مان اتي جي استاد به آهيان ۽ مان جڏهن چوندي آهيان ته اسانجي صوبي جي اسان جي ٻوليءَ جي تحفظ جي لاءِ اديب سان گڏوگڏ جيڪو ڪردار شاگرد ادا ڪري ٿو مان نٿي ڀانيان ته ان جو ڪو صلو ڪين اسان ڏئي ٿا سگهون. اسان پنهنجي مصلحتن تحت، ڪيڏي مهل نوڪرين بچائڻ خاطر خاموش ٿي سگهون ٿا پر اسان جو شاگرد نٿو خاموش ٿئي. اهو ڇڻ اسان سيني جو آواز ٻڌجي ٻاهر ٿو نڪري. اسان دل ئي دل ۾ انهن کي دعائون ضرور ٿا ڪريون پر عملي طرح سان اسان انهن جي به مدد نٿا ڪري سگهون.

سو جناب والا مان صرف اهي گذارشات پيش ڪرڻ ٿي چاهيان جو توهان پاڻ هتي موجود آهيو. توهان جي رهنمائي اسان کي نصيب آهي. توهان جي نقش قدم تي اسان هليا آهيون. توهان جهڙا اڏول شخص هتي موجود آهن جيڪي اسان جي لاءِ همت ۽ جذبي جو ڪارڻ آهن. مونکي پڪ آهي ته توهان جي موجودگي، توهان جي رهنمائي ۾ اسان ان ڪان وڏيڪ منزلون ماڻينداسون ۽ مونکي پڪ آهي ته الله ڪندؤ ته اهڙو موقعو ايندو جو نئون نسل توهان کي مايوس يا شرمسار ٿيڻ جو موقعو فراهم نه ڪندو. (مهرباني)

Gul Hayat Institute

علي احمد بروهي.

# سنڌ جي سونهن ۽ سرهاڻ

ڪجهہ ڏينهن ٿيا ادي انور هالائي جو نينهن نياپو اچي سهڙيو. تہ ادبي ڪانفرنس جي موقعي تي ”ٻوليءَ جي ارتقا“ موضوع تي مقالو لکان آئون عنوان ٻڌي ڏڪي ويس هڪ عام ادب جي مونکي ڇاڻ اڳيئي پوري ساري ٻيو وري علمي بحث ڇيڙيان ٻوليءَ جي ارتقا تي هتي تہ ڪو ڀهڳڻ ٻوليءَ جو ماهر ۽ محقق هجي جو ارتقا جي منزلن جي پچار ۽ اپٽار ڪري. مون مقالي لکڻ کان هٿ ٻڌي معافي ورتي. هونئن بہ مون لاءِ ڪو مقالولکڻ تہ شايد ايترو اوکو نہ بہ هجي. پر لکيل مقالو حاضر مجلس آڏو ويهي پڙهڻ هڪ نهايت ڪٺن ڪم آهي. جيڪڏهن ڪانجي علمي ادبي محفل هجي ۽ محفل ۾ سيئي اديب شاعر يا دانشور شريڪ هجن تہ پوءِ ٻي ڳالهہ آهي. پر جي محفل آهي عوامي قسم جي تہ پوءِ هڪ خشڪ موضوع متعلق ويهارو ورق ويهي پڙهڻ نہ فقط ٻڌندڙن کي ”بور“ ڪرڻو آهي. پر حاضر مجلس مٿان وڏو جبر ۽ ستم ڪرڻو آهي. پوءِ حاضرين ۽ ناظرين پيا اوٻاسيون ڏيندا ۽ ننڊون ڪندا. ۽ همراه وڃندو رهندو پوءِ ڪو ٻڌي نہ ٻڌي وٽ رينگٽ ڪي.

مون هالائي صاحب کي عرض ڪيو تہ سنڌ ۾ علم ادب جا ڪيئي ڏيئا پيا ٽمڪن ۽ جرڪن. ڇو نہ آئون ڪنهن ادبي مقالي پڙهڻ بجاءِ ڪنهن ڳلن ڦلن جي واڙي ۽ ڦلواڙيءَ

آئون نہ سنڀران تہ مون سندن ٻالو سواءِ ڪنهن علمي حوالہ يا ادبي ناتي جي ڪڏهن ٻڌو هجي. جيڪڏهن ڪنهن اخبار يا رسالي ۾ بہ سندن پيغام يا ڪلام پڙهيو اٿم تہ اهو بہ ڪنهن اسڪول يا ڪاليج جو سنگ بنياد رکندي. ڪنهن مشاعري جي صدارت ڪندي يا وري ڪنهن ادبي محفل يا بزم جو افتتاح ڪندي. سندن تقرير هجي يا تحرير, مقالو هجي يا شعروشاعري, پر موضوع هميشہ علم ادب اخلاق ۽ انسانيت هوندو. ٻي ڪا وائي وات هرگز نہ هوندي بلڪ بقول سچل سائين جي تہ

جو دم غافل سو دم ڪافر!

ڏٺو وڃي تہ اسان وارا روحاني رهنما گهڻو ڪري اڄ ڪلهہ پنهنجي وڏڙن واري شمع هدايت روشن ڪرڻ بجاءِ پاڻ خود انڌيرن ۾ گمراه ٿي ويا آهن. شوق, شغل ۽ شڪار تہ ٺيا سندن ذاتي معاملا پر سندن ڏيک ڏيکاءُ رعب تاب پڻ ڏسڻ وٽان آهي. سندن وڏائي ۽ ارڏائي ڪا بيجا ۽ بي سبب تہ نہ آهي. بلڪ هڪ لازمي امر آهي. اسان عام رواجي ماڻهن ڪي ٺي جڏهن قضا سانگي پنج ست ماڻهو سلام ٿا ڪن تہ اسين آڪڙ ۾ آڪرا ٿي رامين ڪان ٻہ ٻہ هٿ مٿي اڏامڻ جي ٿا ڪيون. پر جن پيرن مرشدن جي هٿن چمڻ ۽ پيرن ڇهڻ لاءِ مريدن خادمن جا هشام ۽ هجوم هر ويلي حاضر هجن ۽ جن جي جهلڪ پسڻ لاءِ ”پهچ پير دستگير“ ۽ ”ييڄ پاڳارا“ جا نعرا بلند ٿيندا رهن تہ اهڙي صورتحال ۾ سندن ذهني ڪيفيت جي صحت جو حشر ڇا هوندو. نٿو سمجهان تہ سندن نگاه ڪرم ڪڏهن ستين آسمان جي سطح کان هيٺ ٻرو هوندي جتي سندن چانئٺ چمڻ وارا اوسيٽڙي پانڊيٽڙي هوندا بہ اسان وٽ جڏهن هڪ سائيڪل سوار پيادي کي حقارت جي نظر سان ٿو ڏسي. ڇاڪاڻ تہ پاڻ کان ڏيڍ فوٽ مٿي گهمي تہ پوءِ جي سڳورا تازي گهوڙن جي سواري ۽ مهري اٺن جي ڪجاون جا هيراڪ آهن تن کي تہ عام راهگير ۽ واٽهڙو لتاڙڻ جو دائمي اختيار حاصل هئڻ گهرجي مخلوق ۾ مقبوليت ۽ عوامي پنيرائي هئڻ نہ فقط پاور آهي پر هڪ اهڙو ڪافر نشو آهي جنهن ۾ هوش حواص جو خطا ٿيڻ هڪ لازمي امر آهي. پر جيڪڏهن انهن مڙني اسبابن سان هشيار ٻند هوندي بہ ڪو گادي نشين هميشہ هوش ۾ ٿو رهي ۽ خاڪ نشيني نياز نئڙت کي پنهنجو نسب العين ٿو بڻائي تہ پوءِ ڪيس سلام آهي مونکي بہ اهڙا منٿ جا ماڳ تڏهن ڏسڻ ۾ آيا جڏهن اتر ۽ اڀي جون اوچايون پار ڪري لاڙ پيڙو ٿيم. لاڙ کان مراد آهي ٺي موڙ ۽ لاڙو تڏهن تہ سڀ نيون ۽ نديون سلاميءَ لاءِ اچيو مهراڻ ۾ پاڻ اوتين. عربيءَ واري سمنڊ جو معراج آهي ٺي هيٺائين تي تڏهن تہ ٻنائيءَ ٻلاري لاءِ چيو ٿو وڃي تہ لنواري جي لال سان ملاقات ڪانپوءِ اڪثر هي بيت جهونگاريندي ٿي رهيو تہ



Gul Hayat Institute

”جن هيٺانهون ڪنڌ آئون نہ جيئندي ان ري“

آئون مخدوم صاحب جي موجودگي ۾ بلند بانگ، دهل سندن ڳڻ ڳائڻ کان هتر ڪندي فقط هن چوڻ تي ڪنايت ڪندس تہ سائين جن جيئن سهڻي نموني، پنهنجي منڙي ملڪ جي قديمي روايتن کي زنده رکندي سنڌ ۽ سنڌين جي جا ساک پت ۽ لڄ رکي آهي سا اسان سڀني سنڌين لاءِ باعث فخر آهي. اوهان پنهنجي ماٺيٽي ۽ سانتيڪي انداز ۾ سنڌ جي ڏتڙيل عوام جي جاني، مالي ۽ علمي خدمت پئي ڪئي آهي تنهن ڀلائيءَ جا ڀاڙا توهانکي پنهنجو رب ڏيندو— جو دلين جو مالڪ ۽ دانا بينا آهي. واليءَ درويننتي آهي تہ الله پاڪ اوهان کي عمر خضري عطا ڪري جيئن سنڌ جي سونهن ۽ سرهاڻ سدا قائم رهي. آمين.

ڳالهيون پرين سنديون وڏي وڻ ٿيون
ٻئي کي مون نہ چيون گوشي پرين نہ گڏيا.

Gul Hayat Institute

پروفيسر ڊاڪٽر نعيم نقوي

# ادب ۾ نون تجربن جي اهميت

هڪ باشعور اديب پنهنجي تخليق کي منظر عام تائين پهچائڻ لاءِ مواد ۽ مقصد سان گڏوگڏ پنهنجي پڙهندڙ جي ذهني سطح ۽ رجحان تحت ٽيڪنيڪ ۾ تبديلي اختيار ڪري ٿو. جيئن هن کي پنهنجي محنت جو ڦل ملي زبان ۽ بيان جو نئون انداز اختيار ڪرڻ زياده مفيد ثابت ٿئي ٿو.جو هڪ اديب يا شاعر پنهنجن خيالن خوبين ۽ فڪر جي اوناهيءَ کي صحيح طور پيش ڪري سگهي. نون تجربن جي تلاش ۾ ڪو شان رهڻ معاشري جي نون مسئلن ۽ رجحان سان فڪري ۽ شعوري مطابقت جو نتيجو ٿيندو آهي.

ڪراچي جي نزديڪ فنڪار پنهنجي تجربن ۽ مشاهدن جي روشنيءَ ۾ فني شخصيت سازيءَ ۾ مصروف رهي ٿو. تنهن ڪري سندس سوچ مطابق فنڪار جو اظهار شعور تي مبني هوندو آهي. مطلب ته ڪروچي جو نظريو آهي ته فنڪار جو وجدان ئي سندس اظهار هوندو آهي. جيڪڏهن هن مسئلي تي غور ڪجي ته اسان جي آڏو اها حقيقت آهي ته احساس کان جذبات ۽ تخليقي عمل تائين پهچڻ لاءِ کنهن به فنڪار کي هڪ طويل فڪري ۽ عملي راهه طيءِ ڪرڻي پوي ٿي. مادي تجربي کانسواءِ جمالياتي تجربو فنڪار کي بصيرت بخشي ٿو. اسين ميچون ٿا ته جمالياتي تجربو مادي تجربي کانسواءِ ٿي نه ٿو سگهي. ڇاڪاڻ ته جمالياتي حس جو بنياد ۽ پس منظر جيڪو آهي سو مادو آهي. هن کي چٽي طرح هن وسيلي واضح ڪري سگهون ٿا ته ڪائنات جي طويل ساخت، ڪيفيت ۽

حالت کي ترقي جي ڏاڪڻ جو پھريون ڏاڪو سمجھي اڳتي چڙھڻ جي ڪوشش ڪئي وڃي. ان کان بعد ٻيو ڏاڪو احساس آھي. جو جمال جي لطيف احساس جي تاثر سان تمنّار آھي. ھن طرح فنڪار اھڙي مقام تي پھچي ٿو جو مواد ۽ ھيئيت جي تاثر کي پنھنجي تخليق جو روح سمجھندي ھڪ بصيرت افروز پيغام ڏي ٿو. ھر اديب کان ماحول جي اھائي تقاضا ھوندي آھي تہ ھو لفظن کي اھڙي آھنگ ۽ اسلوب ۾ پيش ڪري جو ھن دور جي پڙھندڙ کي ذھني خوشي سان گڏوگڏ مقصديت ۽ افاديت جو پيغام پڻ ملي. جيڪڏھن انھي ڳالھہ کي مد نظر رکجي ۽ ھر اديب اھڙي طرح پنھنجي تخليقي عمل ۾ ڪوشان رھي تہ يقيني طور لفظن ۽ خيالن ۾ بہ اھو جداگانہ اثر ڪنھن حد تائين باقي نہ رھي. اھا خصوصيت فنڪار جي عظمت جو دليل ھوندو آھي جو ھو مختلف حقيقتن کي پنھنجي نئي تجربي ۽ مخصوص انداز سان ھڪ حقيقت قرار ڏيڻ جي ڪوشش ڪري ٿو. جيڪڏھن فنڪارانا ذھن مخصوص تجربن کي علامت طور پيش ڪري ٿو. تہ سندس تخليقي قوت ماحول کان ضرور متاثر ٿئي ٿي. ادب ۾ نوان تجربا انھي سلسلي تحت ڪيا ويندا آھن. وقت جي رفتار سان گڏوگڏ مسئلن جو مزاج بہ تبديل ٿيندو رھندو آھي. تنھن ڪري موجوده اديب زبان ۽ بيان جي پراڻي اصولن کي سختي سان اختيار ڪرڻ جي مقابلي ۾ پنھنجي تخليق ۽ پنھنجي فضا جي ھنگامن ۽ تاريخي توڙي تھذيبي انتشار کي وڌيڪ اھميت ڏئي ٿو.سندس لاشعور فرد ۽ معاشري جي مسئلن سان مربوط ھوندو آھي. جديد ادب ۾ ڪنھن بہ ھڪ انداز جو يقين ڪرڻ غير صحت مند فڪر کي پنھنجو بنائڻ کان وڌيڪ اھميت نٿو رکي. اعليٰ ادب جي ترقي ۽ فروغ اديب ۽ ماحول جي تقاضائن جي ربط کان سواء ممڪن ڪونھي. زبان ۽ بيان جي خوبين، محاورن،تشبيھن اشتعارن ۽ بحروزن جي پرڪاري سبب فنڪار پنھنجي تخليق کي ھڪ اعليٰ فني مقام عطا ڪري ٿو. مگر سندس ذھن ۾ اھا ڳالھہ ضرور ھئڻ گھرجي تہ جيڪڏھن حالات جي تقاضائن تحت ھن جي اندر جي آواز جو اظھار نٿو ٿئي تہ ڪيس لازم آھي تہ مقصديت ۽ افاديت جي بقا خاطر ٽيڪنيڪ جي سخت اصولن ۾ ڪنھن حد تائين لچڪ پيدا ڪري. تہ جيئن ھن اعتدال سبب سندس تخليق عوام جي جذبن ۽ احساسن سان ھم آھنگ ٿي سگھي ۽ پنھنجي رويہ کي عوامي سھوليت ۽ ضرورت خاطر اعتدال پسندي سان ڪم آڻڻ گھرجي. عالمي ادب ۾ ڪيترائي نوان نوان تجربہ ڪيا ويا آھن جيڪي پنھنجي افاديت سبب بيحد مقبول ۽ مشھور ٿي ويا. فرانس جي اديبن پنھنجي فن جي جھوني روايت کان بيزار ٿي ھئيت جي نئين تجربي جي آجيان ڪئي آھي ۽ ھڪ نئين صنف وجود ۾ آئي وسليبري جو نالو ڏنو. فرانس جي شاعريءَ ۾ وسليبري جو اھو ئي درجو




Gul Hayat Institute

سفرنامن جو ذڪر ضروري سمجهان ٿو. اهي سفرناما هر اعتبار کان ادبي ۽ تاريخي دستاويز جي صورت ۾ اسان جي اڳيان آهن (الطاف شيخ خاص طرح سان هن سلسلي ۾ هن جو نالو آهي) سنڌي ادب ۾ نون تجربن کي ڏسي اسان چئي سگهون ٿا ته ڪنهن به ٻي زبان کان اسان پوئتي نه آهيون اسان جا اديب، شاعر افسانه نگار پنهنجو حق ادا ڪري رهيا آهن. تحقيق نگارن جو تذڪرو پڻ ضروري آهي هنن گهڻي جاکوڙ ڪري سنڌي ادب کي شاهڪار بنايو. مگر آخر ۾ سنڌي تنقيد نگاري تي تبصرو ڪندي بجا طور تي عرض ڪرڻ گهران ٿو ته هن ڏس ۾ اسان کي ڪجهه وڌيڪ محنت جي ضرورت آهي. اسانجا تنقيد نگار تنقيد جي نئين شعور کان گهٽ واقف آهن. تنهن ڪري تنقيد نگاري گهٽو ڪري تبصره نگاري تائين محدود آهي يا ذاتي تنقيد جي صورت ۾ اسانجي آڏو آهي.

شڪريه

Gul Hayat Institute



جناب ولي سروري



محترمه سلطانه وقاصي

Gul Hayat Institute









كنوينشن جي پڄاڻي تي شريڪ مندوبين:
قبله مخدوم طالب المولىٰ سان گڏ قبله مخدوم محمد امين فهيم
۽ مخدوم شفيق الزمان وائس چيئرمين بزم طالب المولىٰ سنڌ

٧٨٦

# مشاعري جي محفل

**تاريخ: ١٥ـ اپريل ١٩٨٨ع**

**وقت: رات ٩ بجي**

**مقام: شاه عبداللطيف ڀٽائي هال موسي لين لياري**

**صدارت:**

**ڊاڪٽر تنوير عباسي**

**مهمان خصوصي:**

**عاليجناب مخدوم محمد زمان طالب المولىٰ صاحب**

**مشاعري جا ميزبان:**

**محترم ولي سروري صاحب ۽ محترمه سلطانه و قاصي صاحبه**

Gul Hayat Institute

## "قبلہ مخدوم طالب المولیٰ صاحب"

وقت ناز ڪا اچي ويو آهي
جا زماني ڪي تي ويو آهي.

ڪامراني ڪندو اهو حاصل
جيڪو غصي ڪي پي ويو آهي

جو وڙهيو سو شڪست کائي تو
سو جڙيو جو مڙي ويو آهي

دلربا آيو دل بهاري ويو
سو چيان پيو تہ ڪي ويو آهي

ساغر آب حيات مان مليو
ڪو مئل آيو جي ويو آهي

واعظ پير سن خدا جي پناه
جام منهنجو بہ پي ويو آهي

محتسب ڇڏ تون فرق بازيءَ ڪي
تنهنجو سڄئي لهي ويو آهي

او سي پاسي ڪو هوندو سنگ در
خودبخود سر جهڪي ويو آهي

طالب المولیٰ ڪا خبر بہ اٿئي
تنهنجي گهر هو پڄي ويو آهي

Gul Hayat Institute

## احمد خان آصف

روز شب کي آهي جيئن صبح و مسا سان لهه وچڙ
زلف رک جانان کي تيئن ظلمت ضيا سان لهه وچڙ

باغ ۾ هر گل کي تي باد صبا سان لهه وچڙ
طالب المولي ا کي هالن ۾ سخا سان لهه وچڙ

عشق توڙي حسن فطرت کان پئي مجبور ٿيا
هن وفا سان هن کئي جور و جفا سان لهه وچڙ

عمر ساري ٿي رهائي کين قيد زلف کان
آهي بچپن کان ئي دل کي ان سرا سان لهه وچڙ

گهر خدا کان خير آصف خير ٿيندو حشر ۾
جو رکون ٿا خير سان خير الوري ا سان لهه وچڙ

## خميسو خان

سنڌي ڌرتي ءَ تي هر دم و سنڌائي ته رهندا سون
سنڌي ٽوپي اجرک سان سونهندائي ته رهندا سون

جيجل جي سنڌي ٻولي هت روز حشر تائين
ڳالهائڻ سان گڏ لکندا ۽ پڙهندائي ته رهندا سون

مهراڻ ۽ کينجهر سان هي ديس لطيفي آ
اتحاد جي پيوند سان وڌندائي ته رهندا سون

ڏيئي مات ته جابر کي آزادي کري حاصل
هي گيت خميسا چئي نچندائي ته رهندا سون.

Gul Hayat Institute

ڊاڪٽر تنوير عباسي صاحب

مون تہ گلاب لڳايا آهن پوپٽ پاڻهي آيا آهن

پيا سڀ ڪم اجايا آهن پيار جا سانگ سجايا آهن
تنهنجا ٽهڪ گلن جي صورت بسنت رت ورجايا آهن.

ڊاڪٽر پروفيسر نعيم تقوي صاحب

شاهہ ڀٽائي شاهہ ڀٽائي دل جو آواز
جنهن جا گيت نغما آهن هستيءَ جو دمساز
شعر سندس دل وارن لائي آهن آب حيات
ماڪيءَ کان وڌو ٺندڙ آهي جنهن جي منڙي لات

خاتم جانوري (پنٽي)

عرب جي شاداب باغ جي هڪ بهار آهي رسول منهنجو
فضائي فردوسي دل ڪش و خشگوار آهي رسول منهنجو

اچي ٿي وحدت جي گلستان مان خلاصي خوشبو اسان ڏي خاصي
سراپا خوشبوءِ ئي آهي خوش بهار آهي رسول منهنجو.

Gul Hayat Institute

## انور هالائي

مروت ناهي پنهنجن ۾ شناخت ناهي يارن ۾
اڇي ڪينو پيو ڪاهي ڪٿان ڪان قربدارن ۾

ٽٽي پيو پيرو سو سارو لٽي آ ساڪ الفت جي
وفا جا وڻ ويا وڍجي جفائن جي سهارن ۾

ڏياچ آهي نہ بيجل ڪو نڪو گرنار ۾ وانگي
نڪو ماتم نڪو پٽڪو نہ ڪو سورٺ سوگوارن ۾

جبل جو جور ساڳيو آ لڪن جي لانڊ ساڳي آ
پٽاڙو اڄ بہ سسئيءَ جو ٿو سڄي ڪوهسارن ۾

اڃو ڪي مارئي زنجير ۾ جڪڙيل ٿي ٻاڏائي
اهائي لوچ ساڳي آ مليرائن دراڙن ۾

اسانجا فعل مڃي ويا وڏا سڏجون ٿا نالي جا
اجايي ڪجهہ نہ ڪجهہ چئجي رهي ساڃاهہ ٻارن ۾

عجب انور گذاريسون حياتي خود فريبيءَ ۾
سدائين دوکو کاڌو سين اجائي اعتبارن ۾.

## سوز هالائي

جر جا لمحا بہ گذري ويندا دل ڪي درد بہ وسري ويندا

Gul Hayat Institute

هيل جي رم جهم جي رت آئي زخم سمورا ڀرجي ويندا
هيرون گهلنديون ڪيرون ملنديون ڏک جا دفتر ڌوپي ويندا
شهر وفا جي ديوارن تي نيهن جا نعرا لکجي ويندا
سوز فراق جا پل سمورا پنهنجي پاڻ ڪي ڀلجي ويندا

ساجد سرشاري ڪراچي

شاخ مان گل ڪي نه هرگز ڇڻ اي سڄڻ
هي سڄو آهي تنهنجو چمن اي سڄڻ
نفرتن جا نه ڏٻر لهڻ اي سڄڻ
قرب جون مشعلون شل ٻرن اي سڄڻ

هار سوليءَ جو سي ٿا وجهن اي سڄڻ
جي ٿا منصور جيئن حق چون اي سڄڻ
ڳوٺ ٺاٻو دکيار هزن اي سڄڻ
ملڪ کي دف ڪيو رهبرن اي سڄڻ
اڪ ٻران لائي آ منهنجو وطن اي سڄڻ
جو تيسر ٻيٽُر ولي ٻدن اي سڄڻ

ويل اهڙو نه اڳ مون ڏٺو ويو ٻڌو
ٻائرن کي ڪٺو ٻائرن اي سڄڻ
ٻيرتي ڏونڪو ساجد جو آهي غزل
وقت جون هڪلون ٻوڙا ٻڌن اي سڄڻ

محمد رمضان مسڪين سروري

ڪري دل ياد پئي هر هر وري گذريل زمانن کي
وساري ڪيئن سا ويچاري اوائل جي ايامن کي

ٻڌي هي عرض مڃ منهنجو ڪري مهر نظر هاڻي
مٺا مسڪين سان ڇڏتون ڪٺي محبوب ماڻن کي

Gul Hayat Institute

ولي سروري

بهار آهي خوشي ڪانهي گلن ۾ تازگي ڪانهي
سلامت هر نظارو آ مگر ڪا دلڪشي ڪانهي

وئي هر چهري تان رونق و گرنه ڪا ڪمي ڪانهي
وڏي ويڏن ٿي آهي ڪا ڪلون پيا پر خوشي ڪانهي

سنئين جا ڳالهه ٿي آهي سڄي ڪوڙي سچي ڪانهي
ٻڌون ٿا جيڪو افسانو حقيقت ايتري ڪانهي

وري همت ڪجي ٿوري هٿن مان ڳالهه وئي ڪانهي
چڙهيو منصور جنهن ڦاسيءَ رکي آهي وئي ڪانهي

Gul Hayat Institute

# غزل

انهن کي ئي تي آ ندامت زيادهه
يلئه ۾ هئي جنکي عداوت زيادهه

مرڻ مهل سي ئي تيا کين کانڌي
ٻڌي غور سان جن وصيت زيادهه

اهو ئي تہ مقتول جو آهي قاتل
رکي جنهن سدائين عقيدت زيادهه

انهن کان ئي مونکي آ نقصان پهتو
کئي جن سان مون آ مروت زيادهه

انهن کان ئي اسلام کي آهي خطرو
تا کن روزو شب جيکي قرئت زيادهه

کيو قافلي تي انهيءَ آهي شبخون
نظر آئي جنهن ۾ شرافت زيادهه

اهي شام جو ميکدي ۾ ها اصغر
مساجد ۾ کئي جن عبادت زيادهه



Gul Hayat Institute

جنهن وقت مون بيان ڪئي پنهنجي سرگذشت
هن شوخ ڪيو ٻه چاڪ گريبان ڪري ڇڏيم



مشاعري ۾ شريڪ شعراءِ ڪرام





Gul Hayat Institute

بزم طالب المولیٰ ڪراچي طرفان

رات جي ماني ۾ قبله مخدوم طالب المولیٰ
سيد غلام مصطفیٰ شاهه ۽ ڊاڪٽر سليمان شيخ

زمان ب خير هجي ۽ وطن جو خير هجي
گلن جي ياد ستايو چمن جو خير هجي

ملاح مالهي کري ويو گل فروشن سان
وطن جو خير هجي ۽ گلن جو خير هجي

ڏکن ت وانءُ ونڊي ني موکلايو مون کان
ڏکن ڏکن ۾ نڀايو ڏکن جو خير هجي

الا جي کهڙي سبب کين کي وريو قاصد
دعا اي دوست کريو جان من جو خير هجي

سچا يا کوڙا اي خادم تہ ڏهن ب دوست آهن
خدا کري شل کوڙن سچن جو خير هجي.

الهنواز رکناڻي

ڪڏا رشتا پيار پرت جا بول وچن سب پاري جانون
آهيون سادا سودا ليڪن حق جي ڳالھ ڀچاري جانون

رتي آني ڪان نہ نٽايون منهن نہ مصيت کان موڙيون ٿا
ڏکين سکيون مهلون موقعا ويلون وقت گذاري جانون

[illegible]
[illegible]

[illegible]
[illegible]

علي محمد ذوق

اهائي قوم دنيا ۾ سدا رهندي سگهي آهي
وڌايو جنهن ادب پنهنجو ثقافت جي ڏني آهي

ڀٽائي ڪنڊ ۾ جيڪو ويو آهي ڏيئو ٻاري
لطيفي لاٽ جي اڄ روشني ئي روشني آهي

ادب سهڻو زبان شيرين مٺا ماڻهو مٺي ٻولي
اسانکي بزرگن کان ئي وراثت ۾ ملي آهي گهر جي

ذرو احسان ڌرتيءَ جو وسارڻ ڪين ڪي
نڀايو جنهن وفا تنهن سان نڀائڻ لازمي آهي

اسانجي فرض ۾ شامل زمين جو قرض ٻي آهي
چڪائج ذوق تون قرض حياتي ڪا گهڙي آهي.

### عبدالحق تائب انصاري

رسول پاڪ جي فرمان جا اسرار ويا وسري
گلائن ۽ گناهن ۾ ذڪر افڪار ويا وسري

خدا جي ڪيا سون عهد پورا ڪين ڪريون ٿا
ٿيل وعدا پيا اسباق ۽ اقرار ويا وسري

اچي شيطان جي وڪڙن ۾ ڦاٿا سون اسين اڄڪلهه
سبب آهي جو سڀ اصحاب نيڪو ڪار ويا وسري

ٿيون تائب وٺون بخشش گهرون معافي هلي گڏجي
ڪڏون اڄ غير ڪي جو دين جا وهنوار ويا وسري

### جاويد بلوچ روهڙي

هوش حواس وڃائي ويٺس پيچ پرينءَ سان پائي ويٺس
نينهن اڙانگو لائي ويٺس غم الم پرائي ويٺس

مرڪي نرمل نيڻ ملائي گهور نگاهه سان دل کي گهائي
مٺڙا مٺڙا ٻول ٻڌائي دل جو داءُ لڳائي ويٺس

محبت ۾ مخدوم ڪري ويو نينهن سنگ ناسور ڪري ويو
دلبر مونکي دور ڪري ويو جان جگر کي جلائي ويٺس

جاويد سندس ۾ پرهي جور جفائون سمجهانئو سي نازادائون
سرتي سهيون سخت سزائون ازلي عشق اڙائي ويٺس.

Gul Hayat Institute

حاجن خوشتر صاحب

هي عشق ته منهنجي عبادت آ
دنيا جي الائي چو ملامت آ
ٿو ڪري ڀلا جي سمجهي سگهي
پوءِ ايڏي ڇا جي حڪايت آ

هن پيار ۾ جيڪر موت ٿيو
ٿي هن جي مٿان سر گهور ٿيو
هي ڏوهه نه ڪنهن کي يار ڏيو
بس منهنجي اها پوءِ قسمت آ

اهڙو ڏوهه گناهه نڪي مون آ ڪيو
جنهن تان ايڏو ڪٿي آ گوڙ ٿيو
محبوب سي آدل ۾ ويو
جنهن سان ڏاڍي ٿي وئي محبت آ

منهنجا يار ڀلي پيا گلائون ڪريو
۽ دل ٽوڙڻ جون دعائون ڪريو
ڀلي ڇا به ڪٿي پيا صلاحون ڪريو
دنيا جي اهائي عادت آ

ظاهر ۾ سيئي پيا مون کي چئو
پر اندر منهنجي ڪان ته پڇو
جنهن ۾ پارڻ پيو آ يار ڀريو
هيءَ مون سان اجائي عداوت آ

هٿي نعرو حاجن تون پيو ٻائي
هي حال نه ڪنهن کي پنهنجو ٻڌائي
ان رمز ۾ پنهنجو پاڻ پڇائي
هئي تو تي خدا جي عنايت آ

Gul Hayat Institute

## شيرل نيڪ سروري

محبوب يار جاني ڪري اچ تون مهرباني

منهنجا پريان پيارا اسان تي سڄڻ سونهارا
محبوب يار مون کان ڪر ڪين تون ڪنارا
دم تي نه ڀروسو آ دنيا سڄي آفاني

ڪري اچ ڪرم نوازي سهڻا سڄڻ ٿي راضي
لاغرض ڪين ٿي تون مڃ منهنجي آزي نيازي
تنهنجو نه جوڙ آهي تنهنجو نه مٽ ڪو ثاني

منهنجو نه تون مٽائج ناتو سڄڻ نڀائج
نالي خدا جي رڻ ۾ مون کي نه تون رلائج
هر حال ۾ قبولي تنهنجي مون حڪمراني

دلڙي چڏي تو توڙي منهنجو وئين تون موڙي
روئي پيو نيڪ تو لئي جنهن کي وئين وڇوڙي
تو لئي آ مست منهنجي دلڙي چري ديواني

وري دولهه دو دوي ونگر ڪپي
جو سنڌ کي بچائي سو ڪونڌر ڪپي

وئي قوم ڀٽڪي ڪو رهبر ڪپي
وري سرڏيڻ وارو ليڊر ڪپي

جنهنکي روز ڪو نئون ٿو منظر ڪپي
اهڙي قوم لاءِ ئي قلندر ڪپي

جتي ماڻهوءَ هر ڪنهن کي خنجر ڪپي
تي هڪ مان نہ پوري ٻيو سر ڪپي

ڪراچي منهو ڙونہ وندر ڪپي
رڳو سامراجين کي بندر ڪپي

ڦٽڻ ظلم جو هاڻي ٽريڪٽر ڪپي
ٽيڻ ٽائران جي کي پنچر ڪپي

اسانکي نہ شيطان جو نوڪر ڪپي
نہ بندوق، بم ۽ نہ فوڪر ڪپي

ڪپي سنڌ سائي نہ بنجر ڪپي
جو آباد هر هڪ ٿو نمبر ڪپي

انهن کي نہ حالت ڪا بهتر ڪپي
متل هر شهر منجهہ محشر ڪپي

جيڪو راز "رامڏيه" چئي غيرن کي ڏي
نظر ۾ رکڻ تنهنجي چرپر ڪپي.

Gul Hayat Institute

نذير ناز

تنهنجي ئي پيار ۾ رهي سرشار آهه دل
توکان سواءِ جهان کان بيزار آهه دل

جاري ازل کان تا ابد صرف پيار آ
جي پيار کان ڦري ته گنهگار آهه دل

ساهه ون رهين تون منهنجيا همدم مون کان پري
تنهنجي ئي خيال ۾ تي گرفتار آهه دل

مان کيستائين ماٺ ۾ گهٽجي رهان اي ناز
هر دم جڏهن ته تنهنجي طلبگار آهه دل

Gul Hayat Institute

## (۹) نور نبي مير صاحب

ڪجهه تہ شاعر واديءَ مهران تي لک
جنهن نپايو تئي انهيءَ امان تي لک

ياد ڪر سڀ سور ميون ۽ سورما
دادلي دوي تي درياخان تي لک

ذڪر هو شوءَ جو تو آڻي هوش ۾
ڪجهہ انهيءَ جي قول مرويسان تي لک

ڪيئن نہ هيمون مشڪندي سوريءَ چڙهيو
عزمِ ايمان همتِ مردان تي لک

جنهن ڪي ڪينجهر جي ڪنڌيءَ تي هو قرار
تنهن تماچي جامِ تي نوران تي لک

ور پنيان واڪا ڪندي جيڪا وئي
ڪجهہ انهيءَ جي عزمِ عاليشان تي لک

جنهن عمر جا ڪوٽ ڪيرائي ڇڏيا
ڪجهہ تہ سنڌو ديش جي سيتان تي لک

جراتِ سهڻيءَ ڪي اول داد ڏي
پوءِ بلاشڪ مير تون مهران تي لک

Gul Hayat Institute

رجب علي جليس

چاوَهيو ۽ واپرايو هن دور ۾
اشڪ آور گيس ۾ گوليون مليون

ڪن ڪان جاني ٿيا جدا ۽ ور لٿيا
مائرن جون خالي ڇڻ جهوليون مليون.

ايترو ٿيو ظلم ۽ بيداد جو ديس ۾
ديس ۾ ڇڻ خون جون هوليون مليون.

واه ٽي اسلام تنهنجي آڙ ۾.
شرپسندن جون رڳو ٽوليون مليون.

موج ۾ مهراڻ آهي پر جليس
سرخ رنگ جون اڄ وري چوليون مليون

Gul Hayat Institute

ڏٺي بخش قربان

مٺا پٽ تنهنجي مان ڇاتي چمان
گهڻا گهاءَ سيني اٿئي سي ڏسان

هر هڪ گهاءَ تنهنجي ۾ سرهاڻ آ
پيو چهري تنهنجي ۾ چانڊاڻ آ
ٿيون مرڪ تنهنجي تان صدقي ٿيان
گهڻا گهاءَ سيني اٿئي سي ڏسان

جهڪائڻ نه سر پر ڪٺائي ڇڏيئي
هيم آس جيڪا پڄائي ڇڏيئي
پرين تو کي هوش ويا دودو چوان
گهڻا گهاءَ سيني اٿئي سي ڏسان

اٿم گهوٽ ڪسندي ڏٺم ڪيترا
ڪرن ڪوٽ ظلمن جا قربان ڏسان
ٿئي سنڌ سائي پلي پوءَ مران
گهڻان گهاءَ سيني اٿئي سي ڏسان

عبدالعزيز بيدل

اميد آس ۾ گذري چمار ويئي ساري
نه ڪنهن ڪان قربئي مليو نه ڪنهن ڪان دلداري

لاريب منهنجو هو استاد عقيلي سرشار
انهيءَ ڪري ٿي تو بيدل سڏايان سرشاري



Gul Hayat Institute

سچل سرفائي (پنّي)

چڱائي اگرچہ ٻڌائڻ گھران تو
تہ دنيا کان پري ٿي چڙو ٿي رهان ٿو

عزيزي قريبي نہ ياري رهي ٿي
سچي ڳالھ حق جي متا جي کيان ٿو

ڏسي ظلم ڪنهن سان لڇان ۽ پچان ٿو
کٽي درد دل ۾ مان هلندو وتان ٿو

رسي سيو يهن تا ڪري منهڙو ڪوجهو
سچائي سرفائي جي ڪنهن کي چوان ٿو

شمس صابر روهڙي

ڪيڏو پاڻ پڏائين ويٺو
هيڻن کي هيسائين ويٺو

پاڪي سمجھي سرس سين کان
نفرت مان چو نهارين ويٺو

شمس پريت جي ريت نرالي
ناحق انگ اڙائين ويٺو

Gul Hayat Institute

سرفراز راڄڙ

جن ڪئي جيئري جدائي تن جو خير
بي سبب ڪئي بيوفائي تن جو خير

ايئن ڪري بيگانگيءَ ڪي اختيار
آشنائي جن وڃائي تن جو خير

خوش رهن شل رهزن صبر و سڪون
بي قراري جن وڌائي تن جو خير

آهي تيو مجبور ۽ هيڏو فراز
جن خبر آهي اڏائي تن جو خير

دودو شهيد سومرو روهڙي

دلربا تون ڇئون پلا پيو پيار مان ڪنهن سان ڪيان
عشق واريءَ آڳ جو اظهار مان ڪنهن سان ڪيان

تون نتو چائين تـه دل منهنجي تي ڇا گذري پيو
حال دل آخر اڪين جا تار مان ڪنهن سان ڪيان

گهور سان گهايل ڪري جو قرب ۾ قابو ڪيئي
هن حقيقت جو پلا اقرار مان ڪنهن سان ڪيان

Gul Hayat Institute

سدا پيو غير بي تڏن تي اچين
سلامت هجين شل سلامت هجين

تون علمي ڪابر ۽ اڪمل اديبن
سري جن زيارت وڏا تن نصيب
جهڪائين تو در تا هر هر جبين
سلامت هجين شل سلامت هجين

شفا ڏي دلين کي ڪري دلبري
سخاوت جا صاحب سخي سروري
تون عظمت ۾ اعلي! اسان جو يقين
سلامت هجين شل سلامت هجين

تنهنجي مرڪ مثل ڪتوريون ڪلن
اچي جڻڪ خوشبوء تي مشڪ ختن
نظارو لڳي جيئن تو خلدِ برين
سلامت هجين شل سلامت هجين

اچن در او هان جي تا عاجز هلي
ملي جِت مريضن شفاعت پلي
دعاگو انهن تي رهو تا اوهين
سلامت هجين شل سلامت هجين

Gul Hayat Institute

اسان کي نہ دنيا جي دولت کپي
کپي صرف تنهنجي زيارت کپي
طلبگار تنهنجا سدائين اسين
سلامت هجين شل سلامت هجين

هتي منهنجو عطف سعيدالزمان
جگر جان جاني جميل الزمان
خليق الزمان ۽ محمدامين
سلامت هجين شل سلامت هجين

اهوئي جهان ۾ ٿيو سرخرو
مليو شرف جنهن کي آهي کوبکو
ڏٺي جنهن بہ هالن جي آ سر زمين
سلامت هجين شل سلامت هجين

وڏي عمر مولا ڏيئي شل مٿا
شب و روز گوهر گهري هيءَ دعا
پورو عرض اي قادر کرم سان کرين
سلامت هجين شل سلامت هجين

Gul Hayat Institute

## اختر ڪلوڙ روهڙي

لوڪ و ساريم سارو سائين ڪين تو و سرين
هڪ گهڙي تو سان دل اڙي تو سان

تنهنجي وري اڄ ياد ستايو پرجي اکين مان پاڻي آيو
لڙڪ ڳلن تي پيم ڳڙي

جوبن جا هي ڏينهن ٻه ويندا نيٺ وڇوڙا ايندا ايندا
گڏجي گذاريون ڪاڻ گهڙي

ڪلوڙ سان ڪيو توجي وچوڙو سور ن ڪيو اڇي مونکي سوڙهو
دردن لاتي دوم دڙي.

## محمد عالم عباسي

درد دل ۾ تو اٿي جاهل ۽ نادان کي ڏسي
شرم شيطان کي اچي تو ڪارِ انسان کي ڏسي

باغبان تڙجي ويو ۽ بوستان تي ويو اجڙ
نوح و خون ڪوئل تي پنهنجي باغ ويران کي ڏسي

سنڌ منهنجيءَ جي مٽي مشڪ ختن کان آهي وڌ
مٽن جنت سان ڪندس مان حور غلمان کي ڏسي

Gul Hayat Institute

تون ويهه تہ توسان ڏرتيءَ جي دل وارن جي ڪا ڳالهہ ڪجي
تن دودن جوڌن سوڍن جي سينگارن جي ڪا ڳالهہ ڪجي

توڙهيءَ جي شهيدن تي لکجي يا ان جي اسيرن تي لکجي
جي مانجهي ماڳ ويا ماٺي تن پيارن جي ڪا ڳالهہ ڪجي.

ڪر داد نٿو اقبال ٿئي هت مفت مرن ٿا پيا مارو،
جي ظالم گهوٽاري آيا تن تارن جي ڪا ڳالهہ ڪجي.

عبدالرحيم عبد منگريو.

پنهنجن ڪان پلايل ڏارين جي ديايل شهزور ستايل
ڏاڍي ڏڪايل، ڪير آ ڪير آ، ڇا ڪوئي ڏسيندو

سنڌو ن ڪان ڦريل جا ،گهوگهي سان گهٽيل جا ،چيرن سان چٽيل جا
هر طرح لٽيل جا، ڪير آ ڪير آ ڇا ڪوئي ڏسندو

لٽن ۾، جهولن ۽ جيپن ۾ هر وقت ڏکن ۾ ميرانهڙن
۽ خالي ڏٽن ۾، ڪير آ ڪير آ ڇا ڪوئي ڏسندو

پرديس ۾ پياري، شاهي شان واري، ۽ هٽڙي ويچاري
بيڪار بڪاري، ڪير آ ڪير آ ڇا ڪوئي ڏسندو

Gul Hayat Institute

عبدالستار "عبد"

گلستان سروري جا باغبان شل خوش هجين
نو لکي هن گوڏڙي جا پاسبان شل خوش هجين

قابل صد احترام و عزت و عالي مقام
نسبت فخر و لادت، مهربان شل خوش هجين

تنهنجي در تان تو ملي خلق خدا کي فيض عام
نوح جي نگريءَ سندو تون سائبان شل خوش هجين

دور دشمن جي نظر کان هي هجي نوري نگر
رحمت حق پئي وسي هنجي مٿان شل خوش هجين

گلستان سروريءَ ۾ شل هجي هر دم بهار
مسکرائيندو سڄڻ توکي ڏسان شل خوش هجين

عبد جي دل مان اچي هر دم اوهان لئہ هيءَ دعا
طالب المولي ائي حق محمد زمان شل خوش هجين



Gul Hayat Institute

## علي محمد مجروح ڪراچي

تنهنجي ويجهو جڏهن ب آيا سون
سو رويتر و ڏاپرايا سون

توکي ڇڏيو سين خوش بهارن سان
حادثا پنهجي سر و سايا سون

دل جي جذبن جي ترجمانيءَ لئه
شعر مجروح جاپڌايا سون

Gul Hayat Institute

ڪٿي سورن جا سامان اڪيون، ڪن عشق جو ٿيون اعلان اڪيون

ڪھڻ جي ڪن ٿيون ڪار اڪيون ڪن عاشقن تي ٿيون وار اڪيون
جيڪي پيار ۾ ڪن ٻيڙا پار اڪيون آھن سھڻيون سي سلطان اڪيون

باقي عشق واريون او شاق اڪيون اھي بي پرواھ بي باڪ اڪيون
اڏين عشق سندي او طاق اڪيون ديدار بنا ويران اڪيون

ڦٽڪائين ٿيون مھمير اڪيون تڪا تيز ھڻن ٿيون تير اڪيون
ڪن ٻيٽراھيئي چير اڪيون مٺيون محبت لئي مستان اڪيون

ڪن نينھن جو ٿيون ناسور اڪيون ڏين پورن ۾ ٿيون پور اڪيون
مانديون محبت ۾ مجبور اڪيون ھڻن قاسم کي ٿيون ڪان اڪيون

"قادر سروري"

دور تو ڪان اي منا دل جي خوشي ڏ ھڙي ڪبي
تنھنجي نالي تو جيان ٻي بندگي ڏ ھڙي ڪبي

سر جو سائين آھين تو سان سر لڳي سھڻا سڄڻ
ٻي جي در تي ھاڻ دلبر نوڪري ڪھڙي ڪبي

آئون پيرن جي پٽي ۽ آئون گولن جو غلام
سروري آھيان او ھان جو ھمسري ڪھڙي ڪبي

نيھن جو ناتو او ھان سان روز اول ڪان اٿم
تنھنجي الفت ڪان سواءِ ٻي عاشقي ڪھڙي ڪبي

تو مجي مون سر ڪنئي تو ھا ڪئي مون جي چيو
ھاڻ قادر ڪا تمنا ٻي وري ڪھڙي ڪبي

"نسرين نوري صاحبه"

دل ۾ هميشه تنهنجا سپنا سجائي رکندس
وارن جي ڇانو تنهنجي خاطر بچائي رکندس

هي زندگي به تنهنجي، تنهنجي ڪريان عبادت
هي آهي تو سان واعدو واعدو نڀائي رکندس

طوفان ظلمن جا، ڪيڏا ڪٿي اٿن پر
مان هي چراغ نفرت هر دم جلائي رکندس

آهي ڪٿن حياتي شايد پوي ضرورت
پنهنجي اکين جا تارا ڳوڙها بچائي رکندس

يادون اگر ستائن موتي ضرور اچجان ۽
آئون جسم جان جا سير ستا سجائي رکندس.

محمد خان مجيدي

حقيقت کي لڪائي ڪين سگهبو
حقيقت کي نه هرگز خواب چئبو
اسان ذرتي ۽ جي گولي تي
رکون درجو وعقيدت جو
اسان منصب مڃايو آ طاقت جو صداقت جو
اسان ذرتي ۽ سان گڏ ذرتي ۽ جي مٽي ۽ مان رهيا آهيون
ايامن کان اسان ذرتي ۽ سان گڏجي هت رهيا آهيون.



Gul Hayat Institute

"محمد طالب ڪاردار خوشدل"

هور شڪ مهر وفا مون سان بي حجاب ملي
اگر اهو نه ملي پيار جو ڪو گلاب ملي

صدائون ڪوڙ تيون هاڻي چپ ٿيو يارو
جڏهن وٺيس اچي جان من جناب ملي

جفا فريب ۾ ڪلفت تہ دستياب آهن
ٿئي گناهه سدا ٿو نٿو ثواب ملي

اي منهنجي جان جا ملڪ ڇڏي وئين ڇو مون کي
وفا جي بدلي ۾ مونکي پيو عذاب ملي

گلا اوهان جي ڪندو ڪيئن ڀلا مٺا خوشدل
اهو ئي خوف آ دل کي متان عتاب ملي.

نورل مري

تو سکي جنهن لاءِ منهنجو ساهه ساجن سو ڪپي
جپ نہ جنهنکي جئي بنا والله ساجن سو ڪپي

مون نہ مٺيو در مٺي جو هن مٺيو مرضي سندس
شل وري ويهجو ڪري الله ساجن سو ڪپي

منهنجي خوشي ۽ رنج ۾ جو مهربان محبوب هو
اڄ ڏکن جي وقت ۾ همراهه ساجن سو ڪپي

نيٺ نورل کي سڏي پنهنجو بنائيندو پرين
تو من سدا جنهنجي ڪري ساراهه ساجن سو ڪپي

Gul Hayat Institute

"عبدالرزاق عبد سروري"

اڄ ڪو دؤرِ دنيا ۾ لطافت ڪانہ تي ڏسجي
ڪنهين جي آبرو عزت سلامت ڪانہ تي ڏسجي

ٿيو مسڪين آ مظلوم ۽ معتو باهڙو جو
مظالم ڏاڍ سان هنجي بغاوت ڪانہ تي ڏسجي

نہ سا حسن و جواني آ رهي اڄ حسن وارن ۾
سندن چهري متي مورئون وجاهت ڪانہ تي ڏسجي

ايئن مغرب ٿيو غالب اسانجي ملڪ ملت تي
جو پنهنجي گهر اندر پنهنجي ثقافت ڪانہ تي ڏسجي

خلاف شاهہ و منصب ڏئي اتي جا فيصلو حق جو
ڪٿي يي عبد ڪا اهڙي عدالت ڪانہ تي ڏسجي

(١٩) عبدالقيوم تبسم

سنڌ امڙ آ تو سان وچن تنهنجو سات نڀائيندس مان
تنهنجي دشمن سان سينو ساهي توکي بچائيندس مان

جي سوليءَ چاڙهيو مونکي ڪا پرواهہ ناهي مونکي
مرڪي مرڪي مک تي پنهنجي تبسم سجائيندس مان



Gul Hayat Institute

غلام قادر مظهر صاحب

عدل انصاف جو قاتل اهو سلطان ڪونهي ڪو
ڪري ويساهه جو ان تي اهڙو نادان ڪونهي ڪو

لڪان سچ ٿو مڃي مڃ ٿو چوي لچ ٿو لڪين ڇو ٿو
چيم تنهن کي لڪڻ ڏاران ٻيو گذران لڪونهي ڪو

اچا تائين عيان آهن نشان تنهنجي جفائن جا
جفائن جي سوا ٻيو ڪو سنڌ؏ احسان ڪونهي ڪو

زبان بند؏ خيالن تي لڳو تالو خدايا ڇو
نيٺ ٿوڙي ستمگر جا اهڙو انسان ڪونهي ڪو

چيم جوئي ڪيم سوئي ڪندو رهندس اچا هر هر
سراسر سچ چيو مظهر اهو بهتان ڪونهي ڪو

محمد حسن ساز ڪراچي

چوان ڇو او چتو هن ساڻ دل اڙي ويئي
هي منهنجي دل ته انهيءَ لاءِ ڇڻ گهڙي ويئي

نهاري مون کي وري ڪين هن ڏٺو مون ڏي
قسم خدا جو انهيءَ مهل دل سڙي ويئي

مون پنهنجي هار مڃي هنجي گهر ويس آخر
نڙيءَ ڪان نيٺ لهي اچ دوا ڪڙي ويئي

اي ساز هاڻ ڪٿي ايندي تنهنجي دل. موٽي
انهيءَ جي دل سان جڏهن تنهنجي دل جڙي ويئي.

Gul Hayat Institute

ڊاڪٽر در محمد پٺاڻ صاحب

# دوھا

ساڻ نہ سيڪو سور جي سائين سور تہ سيني ساڻ
سيڪو سڪ ۽ ساجن ڳولي جو نہ پوي مانداڻ
سڪ ساجن ڪنھن ڪنھن ياڳي سور تہ سيني ساڻ
سليا دلبر ھادي رھبر سور سين سرواڻ
دل جي دنيا ڪعبو قبلو من تيو مولا جو مھراڻ
سور رھي پڻ سائڳي ھنڌ تي جڻ الله سندو اھڃاڻ
محبت مولا درد ڏٺي آ پوءِ يي تون اڻ ڇاڻ
درد نگر جو تون شھزادو اھو يلي نہ ڇڏ تون ياڻ
ياڻ ڇڏيو جن پاڻ ڇڏيو تن ياڻ ئي پاڻ جو ڇاڻ
پاڪي جاڻي سور جو ساٿي تون محبت ڪي ڪر ماڻ

(۸) "غلام قمبر گوھر ابڙو صاحب"

واديءِ مھراڻ جو آ پاسبان عبداللطيف رحہ
سنڌ جو سردار مير ڪاروان عبداللطيف

ھو فصاحت ۽ بلاغت ۽ سلاست جو ڏٺي
شعر جي دنيا سندو آ آسمان عبداللطيف

سنڌ جي سينگار جي ڪھڙي ڪندين گوھر ثناء
ويو ڏيئي سنڌي اندر قرآن عبداللطيف

Gul Hayat Institute

محمد ملوڪ عاجز

نيت تہ نعرا حق جا لڳندا ـ چاڻ اجهو سو وقت اچي ويو
ڪوڙ ڪپٽ جا ڪوٽ ڊهي ڪرندا ـ چاڻ اجهو سو وقت اچي ويو

اسين صدين کان ڪسجون پيا سڙجون لٽجون ڦرجون پيا
آخر پنهنجا ڀاڳ تہ ورندا ـ چاڻ اجهو سو وقت اچي ويو

تيسين ڪيئن خاموش رهان مان پنهجي زبان کي بندر ڪان مان
جنهن ۾ سنڌ جا ڏک سڀ لهندا ـ چاڻ اجهو سو وقت اچي ويو

سڪ ناهي ڪو دودن ڪي سنڌو جي سورهيہ سوڍن ڪي
تنهنجا توتان صدقي ٿيندا ـ چاڻ اجهو سو وقت اچي ويو

تنهنجو عاجز نيڪ تصور ڪندس مالڪ راهہ منور
ماڻهو مبارڪ تنهنکي ڏيندا ـ چاڻ اجهو سو وقت اچي ويو

"عبدالغني پٽي"

دل ۾ تنهنجا رستا ناهيم ڏاڍا سهڻا سستا ناهيم

دل جو نيراڪين ۾ اوتي، بادل برهہ برستا ناهيم
تنهنجي بزم سجائڻ خاطر لڙڪن جا گل دستا ناهيم
تنهنجي رنگ ۾ رنگجڻ چاهيم رنگ سيئي سربستا ناهيم
خون جگر جا قطرهہ ڏيئي شعر غني برجستا ناهيم

عطيہ دائود

# آزاد آواز

امڙ هيءَ ريتن رسمن جي ذاڳن سان اٽيل لوٺي، مونکان موٽائي وٺ
جو بار مان نٿي گهلي سگهان، سو پنهنجي ذيءَ کي ڪيئن آ ڇيندس
هن
بند دروازو، جنهن جو ڪڙو توکي اندران لڳائڻ لاءِ ڇيو ويو آهي
امڙ هي
اهو مون کي لاهي ڏي ته ته منهنجو قد ايترو ڊگهو ٿي ويو آهي.
جو مان پاڻ به لاهي سگهان ٿي
امڙ مان ڪتي ته نه آهيان
ماني ڳهي ڪان ابي ادي، سهري جي قومن تي ليٽريون پائيندي رهان
جو
اهو مانيءَ ڳهو مان کي نه آج جيڪو توکي به خيرات ۾ مليو آهي
جي ساهه ڪندڙ جيئڙ آهيان، ته جيئڻ لاءِ جاکوڙ به ڪندس
انسان دشمن ديو، آدم بوءِ آدم بوءِ ڪندو شهر ۾ ڪاهي پيو آهي
امڙ
گهر جا مرد امام ضامن ٻڌرائي ان سان وڙهڻ وڃن پيا
مون کي چون ٿا ته درين جي وٿين منجهان تماشو ڏس
ان ديو کان خطرو ته منهنجي وجود کي به آهي
پوءِ پنهنجي بقا لاءِ مان ڇو نه وڙهان.
هيءَ ڪهڙي حياتي آهي، جو جيون به مون کي جهول ۾ تو ملي
۽ مان ان سخي ڏاتار جي سامهون ڪنڌ نمائيندي ٿي رهان
امڙ مان برقعي جي ٿلهي جاريءَ ۽ چادريءَ جي نقابن منجهان



Gul Hayat Institute

دنيا کي ڏسڻ نٿي چاهيان هتان دنيا ڏاڍي ڏنڌلي نظر ايندي آهي
امڙ مون کي معاف ڪجان، مان تو کي ڇڏي وڃان پئي
تہ پنهنجي ڌي کي هنن اونداهين ۾ تاڪوڙا هڻندي ڏسي ڪانہ سگهندس
چاڪاڻ
مون کي جي تون ياد ڪرين! ۽ مون لاءِ ڪجھ ڪرڻ چاهين
تہ اهڙو ڪڙو اندران لاهي ڇڏ
ٻاهر کليل هوا ۾ وسيع آسمان هيٺ
جي مان تو کي نظر نہ ٻہ آيس
تہ منهنجي ڌيءَ يا ڏوهٽيءَ جي
آزاد آواز جي گونج تہ ضرور ٻڌندينءَ

"سلطانہ وقاصي"

تتل ڏينهن جي روشني ۾ سموري شهر ۾ راڪاس گهمي ويو آ
حڪم آ در دريون بند ڪريون
خاموش رهو ڪجھ نہ ڳالهايو
ڊنل، ٻوساٽيل، پيلا پيلا چهرا
ٻاهر ڪجھ آواز، ڪجھ هڏڪيون، ڪجھ آهون.
هي ڪير آهن؟
جن جي ان راڪاس سان ويڙھ پئي هلي.
گهڻ گهرج جو گوڙ متل آهي.
لڳ پيا وڄن
ڳاڙ پيا ڦاٽن، رت پيو وهي.
ڪونڌر پيا ڪسجن، پوتيون پيون لهن،
سڀ وڙهن پيا. تون ماٺ آهين!



Gul Hayat Institute

هي موت جهڙي خاموشي جا لاءِ
هي تنهنجي نمين جي جنگ آ.
جيڪا تون ازل کان وڙهندو آيو آهين
منهنجا ساجن هيءَ جنگ ته تنهنجي تاريخ آ
همت ذار.
نه ڏس انهن ستل بيگانن ماڻهن ڏي
انهن کي فرصت ڪٿان
تنهنجي ڏکن جي، منهنجي ڏکن جي
آ هلي آ گڏجي چپ چاپ ڪري
هن خاموشي مان ٻاهر نڪري وڃون
آ هلي آ گڏجي ان راڪاس جا پيرا ڪٽون.

غلام شبير خليق

آءُ ويجهو ٿي ويهه پنهنڙين پيهه
ته عيد ملهايون

دور سڄڻ پيو گهارين جو تو ڳارين
هي محبت جو سانيهه

تون جنهن ڏي يار نهارين تنهن کي مارين
سونهن جو تو وٽ جيهه

غيرن کي تو ڏکارين هاڻ تو ٺارين
ڏاڻن جڏي ويا ڏيهه




Gul Hayat Institute








مشاعري جا سامعين





محترمه مهتاب اڪبر راشدي ڪانفرنس ۾ مهمان خواتين سان گڏ

Gul Hayat Institute

# صدارتي تقرير

منهنجا سائين، منهنجا مربي، سائين طالب المولىٰ صاحب،
اسان جون نياڻيون ۽ سنڌي ٻولي جا سڄاڻ باشعور شاعرو،
اوهين به ڪافي ٿڪجي پيا آهيو ۽ مان به ڪافي ٿڪجي پيو آهيان. پر مونکي واقعي دل ۾ هڪڙو ڏک رهجي وڃي ها، جي مان پنهنجا ڪجهه خيال پيش نه ڪيان ها. سائين مخدوم صاحب جن سان + جيئن سوير رباني چيو ته منهنجي نياز مندي ٣٤ سالن کان آهي. مونکي اهو ڏينهن به اڃا تائين ياد آهي، جڏهن هالن ۾ انجمن علم و ادب جي ڪانفرنس ٿي هئي. جنهن ۾ علامه آءِ ـــ آءِ ـــ قاضي صاحب جن به آيا هئا. منهنجي عمر ان وقت ١٨ سالن جي هئي. ۽ ان طرح مشاعري ۾ مان به شريڪ ٿيو هوس. ۽ سائينجن سان پهرين ملاقات اتي ٿي. اها ملاقات اهڙي هئي جو ايئن چئجي ته
”رتيءَ جي رهاڻ، جيءُ اڙايو جت سان“
ان ڏينهن کان وٺي مون سائين جن کي تمام هڪڙي بلند شخصيت، تمام نهٺو، تمام نماڻو، تمام ملنسار، تمام نرم طبيعت ۽ تمام مهذب ايئن ڪري چئجي ته ظاهر آهي ته مان پير پرست نه آهيان. پير پرستيءَ ۾ منهنجو ويساه ئي ڪونهي، پر مان انسان پرست آهيان.

مون سائين جن ۾ هڪڙو عظيم انسان ڏٺو ۽ هنن جي شفقت، هنن جي صحبت، اسين ننڍا هئاسين گرامي صاحب جيئرو هو. خالدي صاحب مرحوم هو، سرشار عقيلي صاحب هوندو هو، سائين جن وٽ ڪچهريون ٿينديون هيون، اسان ننڍا هئاسين. گستاخيون به ٿينديون هيون، سائين جن ڪلندا هئا، ۽ ڪلي انهن ڳالهين کي ٽاري ڇڏيندا هئا. ٻي ڳالهه جيڪا مان توهان کي چوان اها سنڌ جي تاريخ جي هڪڙي اهڙي ڳالهه آهي، جنهن تي ڪنهن جو ڌيان نه ويو هوندو. جڏهن ١٩٤٧ع ۾ ملڪ جو ورهاڱو ٿيو ۽ سنڌ تي جڏهن يلغار شروع ٿي ڌارئين ڪلچر جي، تڏهن سنڌي راڳ جيڪو ناپيد ٿي ويو هو، ايتري قدر جو ڪراچي



Gul Hayat Institute

ريڊيو تان جيڪو سنڌي پروگرام ايندو هو. انهيءَ ۾ سنڌي غزل کي قواليءَ جي انداز ۾ ڳائيندا هئا ۽ انهيءَ تي به اردوءَ جو رنگ چاڙهي ڇڏيو. انهيءَ وقت ۾ ٽي شخص هئا, جن سنڌي ڪلچر کي خاص ڪري سنڌي موسيقي ۽ سنڌي سازن کي جنهن ۾ بينون ۽ چنگ اچي ٿا وڃن, هڪ ته انهن کي پڙهيل طبقي سان روشناس ڪرايو, جو ته پڙهيل طبقو اهو سمجهندو هو ته اهي ڀهراڙيءَ جون شيون آهن ۽ ٻيو ته غير سنڌي خاص ڪري هتي ايمبيسيڊر هئا, انهن جي آڏو روشناس ڪرايو. مونکي ياد آهي ته مان ننڍو هوس, اهي مخدوم صاحب جن, سيد ميران محمد شاهه ۽ سائين جي ـــ ايم سيد صاحب جن هئا.

انهن ٽنهين پهريون پهريون دفعو ڪراچيءَ جي ماما پارسي گرلز اسڪول ۾ سنڌي موسيقيءَ جو هڪڙو پروگرام ڪرايو جيڪو ڪراچيءَ وارن لاءِ هڪڙي نئين شيءِ هئي, ۽ پوءِ پنهنجي ان محنت کي جاري رکيائون, نوان نوان سنڌي ڳائڻا هٿ ڪري ريڊيو تي پهچائيندا رهيا, ۽ سنڌي ثقافت کي ٻيهر اسٽيبلش ڪرڻ ۾ سائين مخدوم صاحب جون تمام وڏيون خدمتون آهن, جنهن کي مان تاريخ جي رڪارڊ تي آڻڻ ٿو چاهيان, ۽ ٽي ڳالهه جيڪا سائين مخدوم صاحب جن جي, جنهن مونکي متاثر ڪيو, ذات تي مان ڳالهائي ويس ته سائين جن جي ذات ته مکڻ, ماکي ۽ مصري آهي. پر هتي مان هنن جي ادبي ۽ ثقافتي خدمتن جي ڳالهه ٿو ڪريان, ٽين ڳالهه جيڪا هئي ته اسان خود جڏهن شاگرد هئا سين ته اهو سمجهندا هئاسين ته بابا شاعري ته غزل آهي باقي ڪافي, وائي ۽ ٻيو الوميان, سو ڇڙن ۽ ڀهراڙي وارن جي شاعري آهي. مخدوم صاحب جيئن اڄ هتي ڪنهن ٻئي به چيو ته سنڌي ڪافيءَ جي صنف کي ٻيهر جياريو, اسٽيبلش ڪيو, پاڻ بهترين ڪافيون لکيائون. سندن دور ۾ سندن جيڪي همعصر هئا, جيئن سرشار عقيلي هو, گرامي مرحوم هو, محمد خان غني هو, انهن به بهترين سنڌي ڪافيون لکيون, جيڪي ڳايون ويون, ۽ عام مقبول ٿيون. هن دور ۾ ڪافيءَ کي وري جيئارڻ ورهاڱي کانپوءِ,مون پنهنجي هڪ ٻه مضمونن ۾ به اهو لکيو آهي ته انهيءَ ۾ به سائين مخدوم صاحب جن جو وڏو ڪردار آهي, ۽ انهن جون وڏيون خدمتون آهن, اهي سڀ ڳالهيون آهن, جن کي منهنجي دل چيو پئي ته مان توهان کي چوان.

مونکي موقعو ڏنو ويو آهي. سائين جن ۽ توهان جيڪو مونکي + مون جهڙي نمائي ماڻهوءَ کي هيڏي مان مرتبي واري ڪرسي ڏني اٿوَ. توهان ۽ سائين مخدوم صاحب جو ٿورائتوآهيان. مان ان لائق هرگز نه آهيان, توهان جو وڙ آهي, توهان جي وڏي مهرباني.



Gul Hayat Institute

**اصغر هالو**

# سنڌي ادب ۾ بزم طالب المولي ڪراچي جو ڪردار

ٻوليءَ جي مفهوم ۾ ان جو ڳالهائڻ ۽ لکڻ ٻئي شامل آهن. اسان جي موجوده سنڌي ٻولي هجي يا نه — پر اها هڪ قديم النسل ٻولي ضرور آهي. تنهن کان ڪنهن کي به انڪار ڪونهي.

ڪراچي بين الاقوامي شهر آهي. جنهن ۾ مختلف ٻوليون، مختلف نمونن سان ڳالهايون وڃن ٿيون. پاڪستان ٺهڻ کانپوءِ اردو ٻوليءَ جي نپجڻ ۽ ڦهلاءَ جو مرڪز پڻ هي شهر رهيو. ڪراچيءَ ۾ سنڌي ٻوليءَ کي ورهاڱي کان پوءِ ناقابل تلافي نقصان پهتو. پر تنهن هوندي به هتي جي شاعرن ۽ اديبن پنهنجي سر ذميواري محسوس ڪندي ڪوششون ورتيون ۽ هنڪي قائم ۽ دائم رکڻ جو پورو پورو انتظام ۽ اهتمام ڪيو آهي. هي شهر هتي جي ادبي مجلسن کي برقرار رکڻ ۾ پيش پيش رهيو. هتي مشاعرا ۽ رس رهاڻ جون محفلون زور شور سان ٿينديون رهيون. جن ۾ نه رڳو مقامي شخصيتن ڀرپور حصو ورتو، پر سنڌ جي مختلف شهرن مان شعراءِ ڪرام ۽ اديب شريڪ ٿيندا رهيا.

تحريڪ بزم طالب المولىٰ سنڌ سنه ١٩٥٦ع ۾ اڀري، ان وقت هن بزم جون سنڌ ۾ جيڪي ٻيون شاخون وجود ۾ آيون. انهن ۾ ڪراچي شاخ پڻ ان وقت جي يادگار آهي، پنهنجي وس آهر سنڌي ٻوليءَ جي خدمت ڪندي رهي ٿي. هن شاخ جي باني صدر مرحوم محمدجمن هالي، ڊاڪٽر علامه مرحوم دائود پوٽي، ڊاڪٽر اياز قادري جي ڪوشش ۽ تعاون سان جمعيت الشعراءِ جي چوڏهين شايان شان ادبي ڪانفرنس منعقد ڪئي جا بزم

Gul Hayat Institute

طالب المولیٰ جي وجود ۾ اچڻ کان ٻه سال اڳ منعقد ٿي. اهڙي طرح ماهوار مشاعرن جو سلسلو پڻ اڄ تائين جاري رهندو اچي، جنهن سان ٻوليءَ جي ترقي ۽ ترويج جو سلسلو جاري آهي. هن بزم سان نه صرف پراڻن استاد شعراء جو تعلق رهيو، پر هتي نوجوان طبقي جون صلاحيتون پڻ اڀري سامهون آيون. ڪيترائي نالا ان سلسلي ۾ ڳڻائي سگهجن ٿا + جيڪي اڄ سنڌي ادب جي فلڪ جا روشن ستارا آهن. اهوئي سبب آهي جو اڄ ڪراچي سنڌي ادبي محفلن جو مرڪز بنجي چڪي آهي، جنهن ڪري ڪراچي شهر جي ڪا به تقريب ڪاميابيءَ جي ضمانت سمجهي وڃي ٿي. اڄ هتي ماضيءَ ۾ جهاتي پائيندي انهن برک شعراء جي اشعار مان اقتباس پيش ڪجي ٿو، جيڪي هن بزم سان منسلڪ رهيا هئا.

## مرحوم سرشار عقيلي

رخسار تي جو زلف گره گير ڪري پيو
ڪعبي جي اندر ڪافر بي - پير ڪري پيو
× سڄي جهان جي تسڪين ڪنهن نه ڪم جي
جڏهن جهان دل تي حسين جو اقتدار هجي
سرشار وطن ۾ منهنجي خزان ڪان پوڇا
اگر جهان سڄي ۾ ڪٿي بهار هجي.

## محمد يوسف شاڪر مرحوم

مون سان قسمت جيڪڏهن ياور هجي
زندگي جو اينئن پو ابتر هجي
حيف اهڙي زندگاني تي اي دوست
روز شب جا پنڪندي در در هجي
توکي پلجي پي نه ڪريان ياد مان
دل تي قابو اي صنم جيڪر هجي
خوش نصيبي تنهن در مقتل جي آ
شوق سان شاڪر ڏنو جت سر هجي

Gul Hayat Institute

## عبدالرحيم مرحوم

ڪنهن سان جهان ۾ نينهن لڳائڻ نٿو گهران
الفت جي آڳ دل ۾ دکائڻ نٿو گهران
ارمان دل جا دل ۾ ئي گهٽجي پلي وڃن
ڪنهن کي ٻه راز دل جو ٻڌائڻ نٿو گهران
عيوض جفا جي توسان جفائون ڪجن مگر
مگر نقش وفا کي دل تان مٽائڻ نٿو گهران.

## محمد حسين آتش مرحوم

نه غير ٿو سمجهين نه يار يار اچان
نه گل کي گل ئي ٿو سمجهين نه خار خار اچان
نگاهه لطف ڪرم ٿي وئي سڀن تي هاڻ
مگر نه مون کي ڪيو آهي تو شمار اچان.

## علي محمد اسير مرحوم

اسان جو قافلو منزل تي پهچي پيو ته ڪيئن پهچي
ڪري هر فرد ٿو پنهنجي ۽ مير ڪاروان پنهنجي.

## محمد دائود مسڪين مرحوم

آرزوئن جو جنازو آهي
زندگي ناهي تماشو آهي
تنهنجو هر فعل ندامت جوڳو
تنهنجو هر قول اجايو آهي.

## عبدالله شرر مرحوم

دل جي رهي هميشه دل ناتوان ۾ آهي
دل جي سچي حقيقت اڪيل زبان ۾ آهي
سهٽا سوين پون ٿا صدما قدم قدم تي
کهڙي خوشي ميسر عمر روان ۾ آهي.

Gul Hayat Institute

## احمد خان رفيق ٽنوي مرحوم

اي زمان حال توکي ٿو ڪري هرڪو سلام
تنهنجي ئي رفتار جو هر ڪو بشر آهي غلام
تنهنجي ئي باعث هلي ٿو ملڪ ساري جو نظام
تنهنڪري تنهنجي سهاري ٿو رهي هر خاص و عام
جنهن سان تنهنجو ساٿ آهي سو سدائين شهنشاهه
بخت بالاتر انهيءَ جو پڻ وڏي ٿو عزوجاهه.

## رشيد احمد لاشاري مرحوم

مقابلو ڪندي مرجي ڪڏهن نه ميجي شڪست
زمانو نرم رويءَ سان ڪٿي ٿو رام ٿئي.
اسين نه پاڻ زماني جا ڪارساز آهيون
رشيد پنهنجو ٿو ڪيئن وقت کي سلام ٿئي.

## امير بخش قريشي مرحوم

راز دل پنهنجو ٻڌائي ويٺي
حسن کي پاڻ پسائي ويٺي
دانهن دنيا کي ڏنئه حيف امير
پاڻ کان دوست رسائي ويٺي.

## محمد جمن هالو مرحوم

ذات تي ڪا ذات ناهي جن نميو تن آ ڪيٿو
قوم ڪيئن ٻلجي سگهي ٿي قوم جي معمار کي
قوم ڪنهن جي ذات سان ئي ڪين ڪو مطلب رکي
قوم هر دم ٿي ڏسي، اڱواڻ جي ايثار کي.

---

عشق جي منزل اتي ـــ جت موت خود مريو وڃي
ڪجهه قدم اڳيان وڏي هو واٽ تان وريو وڃي
ٻل هجي ٻيڙي پراڻي سڙه سچو ٽڪرا هجي
پر يقين جنهن جو خدا تي تار سو تريو وڃي.



Gul Hayat Institute

بزم طالب المولیٰ ڪراچي، اچ تائين پنهنجي دور جا ڪيئي نشيب و فراز ڏنا. ۽ ۱۹۷۲ع کان وٺي هن شاخ جون سرگرميون باقاعدگيءَ سان جاري آهن. ماهوار مشاعرا الهي ذوق شوق سان منعقد ٿيندا رهن ٿا. شاعرن جو چاهه ڏينهن به ڏينهن وڌندو رهي ٿو. اچ جن شاعرن جو ساٿ شامل آهي، انهن ۾ اياز قادري، محمد حسن ساز، علي محمد مجروح، عبدالرحمان نسيم، سائل آزاد، رشيد ارشد، صوفي ساجد سرشاري، مخدوم جميل الزمان جميل، انور هالائي، ولي سروري، حاتم جانوري، ڪامل اسيري، گوهر سروري، علي محمد رامڏي، علي محمد ذوق، لالا ستار، محمد حسين سهٽل، محمد حسين ساگر، نور محمد پالا، عبدالغني پنني، محمد ملوڪ عاجز، شهمير ناقص، خادم جمالي، پير محمد خوشتر جا نالا شامل آهن.

Gul Hayat Institute

حسين بخش خادم

# حضرت طالب المولي سائين منهنجي نظر ۾

آءُ ايڏو وڏو ڪو شاعر ناهيان يا وڏو ڪو اديب آهيان جو سائين جن جي ڪلام تي تبصرو ڪريان يا انهي باري ۾ لکان ان ۾ علم جي ضرورت آهي. مگر جيئن ڪتاب ”بي پير اکيون“ پڙهيم، سائين جن جيڪا ڪافيءَ کي زندگي بخشي آهي. ان ۾ سائينجن کيرون لهڻيون آهن. نيون تشبيهون نوان قافيہ نوان رديف لکيا آهن. ۽ جيڪو نئون رنگ ڪافيءَ ۾ پيدا ڪيو آهي. انجي جيڪا بہ تعريف ڪجي اها ٿوري آهي. هن موجوده دؤر ۾ اهڙو ڪلام منهنجي نظر مان نہ گذريو آهي انهيءَ ۾ مون خوشامد نہ ڪئي آهي، نہ سائينجن کي خوش ڪرڻ لاءِ لکيو اٿم مگر ڪجھہ آءُ بہ ڪافي ۾ چاڻ رکانٿو. ۽ ڪافيءَ کي سمجهان ٿو. ان موجب عرض ڪيم تہ پنهنجي حال سارو منهنجي خيال ۾ جيڪي آيو آهي اهو لکي رهيو آهيان.

”ڪافي صفحہ نمبر۷“

هو صاحب انجي آئون منزل ـــ هو دردِ دل ۽ آئون دل

هو حل سندم آئون مشڪل ـــ آئونَ ڪير تہ مون ۾ ڪند پرين

Gul Hayat Institute

## اسانجا مضمون نگار



فقير حسين بخش خادم



جناب محمد حاجن خوشتر

Gul Hayat Institute

هتي پنهنجي محبوب جو مرتبو مٿي ڪري ـ صاحب جو لقب ڏنو ويو آهي. پر انهيءَ محبوب جي منزل پاڻکي بنايو آهي ۽ عاشق جا لقب پنهنجي محبوب کي ڏنا آهن جهڙي طرح هو ”دردِ دل آئون دل“ وري شاعر محبوب جي رهڻ جي جاءِ دل پنهنجي ۾ ڪئي آهي. انهيءَ کان وڌيڪ انسان ۾ ڪا ٻي اهڙي شيءِ خدا نه بنائي آهي. قرآن شريف ۾ به دل قلب جو مٿاهون مقام ڪيو آهي. وري شاعر پنهنجي تڪليفن لاءِ به حل فقط محبوب کي بنايو آهي. آئون ڪير ته مون ۾ ڪنڍ پرين ڪير ۽ ڪنڍ جو ڳڻ رهڻ به لازم ملزوم آهي. اها آهي ڪافي صحيح معني ۾ سهڻائي ۽ بندش ساڳي ڪافي صفحه ٧ فرمايو آهي ته:

آئون رات هو منهنجو صبح ٿيو ـــ آئون قالب هوئي روح ٿيو.

آئون ٻيڙي ۽ هو نوح ٿيو ـــ آئون اڻ تارو منهنجو سنڌ پرين

هتي شاعر رات جي معني اونداهي ڪئي آهي ۽ محبوب کي صبح يعني روشني ڪري لکيو آهي. وري پنهنجي قلب ۾ جڳه روح کي ڏني وئي آهي. قلب عاشق. ۽ روح محبوب کي بنايو آهي وري پاڻکي ٻيڙي يعني انساني پڃرو ڪيو آهي ۽ محبوب کي نوح يعني ٻيڙي هلائڻ وارو اڳواڻ يا رهبر ڪيو آهي. هت وري شاعر پاڻکي اڻ تارو يعني اڻ ڄاڻ بنايو آهي، ۽ محبوب سنڌ ڪيو آهي. سنڌ يعني اميد يقين آسرو رهبر پنهنجي محبوب کي بنايو آهي جو منزل مقصود تي پهچائيندو. هي خيال اٽڪل يا پيچ ڏاهه واري شاعري جا ناهن هنڪي چنبو آهي الهامي شاعري. هن ۾ عقل جي حاجت ناهي فقط اهڙا لفظ حضرت عشق ئي لکائي سگهيندو. مجاز ۾ حقيقت سمايل آهي. وري صفحه (٩) جي ڪافي ۾ شاعر فرمائيندو ته:

تون ساقي آئون ميخانو ـــ تون شوق شراب آئون پيمانو

تون سَرمستي آئون مستانو ـــ تو بيرنگ جوئي رنگ به مان

هي حقيقت تمام اوچي درجي جي آهي. ساقي محبوب آهي ۽ ميخانو عاشق آهي. معني اها ئي ته ميخانو ته دل آهي. ساقي محبوب آهي ۽ ان ۾ فقط ساقيءَ جي جاءِ آهي. شوق شراب محبوب جي رضامندي ۽ پيمانو عاشق جي دل آهي. پر جيڪا دل ۾ سرمستي آهي اها محبوب جي ڏنل آهي. ۽ پاڻکي عاشق مستانو معني بي انتها محبت ڪرڻ واري کي چنبو آهي. وري بي رنگ ته فقط خدا ٿي سگهي ٿو. پر انسان انجو رنگ آهي. معني الانسان سري واناسر مجاز ۾ شاعر ڪيئن نه حقيقت کي لڪايو آهي. هر لفظ مان روحانيت جي سرهاڻ پئي اچي اڳتي هلي شاعر فرمائي ٿو ته

آدم جو آهيان نحيف ٿيس ۽ ظاهر جسم ڪسيف ٿيس

آئين مون ۾ پوءِ لطيف ٿيس تنهنجي امنگ جو فرهنگ به مان



Gul Hayat Institute

انسان پاڻ کي ڪڏهن ڪڏهن ڪمزور سمجهندو آهي. هيٺانهين هلڻ جي پاڻ کي صبر جي تلقين ڪندو آهي. يعني هٺ وڏائي تڪبر کان پاسو ڪرڻ نياز نوڙت ۾ مشغول هوندو آهي. پر جڏهن هن جي دل ۾ محبوب اچي رهي ٿو. ته پوءِ اهو خود پاڻ سهڻو ناز وارو بڻجي ٿو پوي ڇو ته محبوب جو هن جي دل ۾ اچي ويٺو آهي. پوءِ ڇو نه اهو ناز ڪري پوءِ محبوب جي نالن جي هنڪي ڄاڻ ٿئي ٿي. مثلن نوانوي نالا رب پاڪ جا آهن. پر اٺانوي صفاتي نالا آهن فقط ذاتي نالو هڪ الله آهي. هي قصو گوناگون آهي. انسان ڇا لکي سگهي ٿو. وري ١٢ صفحه جي ڪافي ۾ شاعر فرمائي ٿو ته

خالي ڇنئي مان جيڪر ڏسبو پريون پاسو هڪدم پسبو
ڪلف نڪوات ڪڙا ملندي عشق جي اتان آسامي

جڏهن عاشق پنهنجي جيءَ ۾ جهاتي وجهي ٿو ۽ محبوب جي صورت ڏسي ٿو. ته پوءِ هنکي صاف صاف محبوب نظر اچي ٿو. هن روحاني رمز ۾ ڪابه رنڊڪ روڪ بندش ناهي. پوءِ حقيقي عشق جي منزل آسانيءَ سان حاصل ٿئي ٿي صفحه ١٨ ۾ ڪافيءَ ۾ شاعر فرمائي ٿو ته

تنهنجي جاني مٺا تعمير به مان تنهنجي پيارا پرين تدبير به مان
تنهنجي سهڻا سڄڻ تقدير به مان تون لوح سندم مان انجو قلم

هتي پنهنجي محبوب کي عاشق فرمائي ٿو. محبوب سائين تنهنجو جان جسم مان آهيان. جيڪي تنهنجي دل ۾ خيال اچن ٿا. اهي تنهنجي دل ۾ منهنجا خيال موجود آهن. تون جيڪي سوچين ٿو. اها سوچ به منهنجي آهي. تنهنجو ڀاڳ نصيب مقدر به مان آهيان جيڪي لوح قلم ۾ لکجي ويو اهو به منهنجي قلم تنهنجي لاءِ لکيو آهي. انهيءَ جو مطلب شاه صاحب فرمايو آهي.

سو پڙاڏو سو سڏ جي سر وائيءَ جو لهين
هئا اڪٺي گڏ پر ٻڌڻ ۾ ٻه ٿيا.

انهيءَ وارو معاملو آهي. وري صفحه ٢٢ جي ڪافي ۾ شاعر لکي ٿو ته ڪري بسم الله ڏي جام ڪٺي مان پيئندس تنهنجو نام ڪٺي

بسم الله فقط حلال شي ئي ٿيندي آهي. هي جام وحدت وارو گهري ٿو ۽ پنهنجي حقيقي محبوب يعني مرشد کي عرض ڪري ٿو ته مونکي جام وحدت پيار آءَ فقط تنهنجو نام وٺي پوءِ پيئندس هتي درياءَ خان فقير جي ڪافيءَ جو ٿلهه ياد اچي ويو آهي. ان ۾ فقير صاحب فرمائي ٿو ته:



Gul Hayat Institute

جڏهن پيتم ڪيف ڪلال ڪنون خبر ڇڻ پئي غير خيال ڪنون
هي جام اهو جيئڻ وارو جام آهي جو اهو انسان مري نٿو سگهي
هونداسي حيات مرڻا اڳي جي مٿا شاه صاحب صفحه ۲۴ جي ڪافيءَ ۾ شاعر فرمائي ٿو ته:

تنهنجو حسن اچي نه حسابن ۾ تون پاڻ ئي پنهنجي جوابن ۾
سودائي تولاءِ سڪن ڪيئن جاني جنوني منجهه ڏکن
چنڊ ڪارن هيٺان ڪيئن لڪن تون اجايو نوري نقابن ۾.

هتي شاعر پنهنجي محبوب جي حسن جي ڪنهن سان پيٽ نٿو ڪري جو لاجواب حسن هن کي نظر اچي ٿو۽ محبوب کي پنهنجو مٽ پاڻ بنائي ٿو ۽ محبوب کي عرض ٿو ڪري سوين هزارين تولاءِ سڪن پيا ۽ ڪي مست المست تنهنجي ڏسڻ لاءِ ڏکا ڏومان ڪائيندا وتن پر منهنجا محبوب چنڊ جهڙي صورت ڪاري ۾ لڪي نه سگهندي. تنهن ڪري پنهنجي رخ مبارڪ تان نقاب جو پردو لاهي ڇڏ ته تنهنجي حسن جو ديدار ڪيان وري صفحه ۳۰ جي ڪافي ۾ شاعر فرمائي ٿو ڪڏهن پيمانن جو ساه اکيون پنمان جيئن تيئن انهن ۾ ساه پوي اها ڪمال جي ترتيب آهي شاعر کي خدا داد صلاحيت خدا ڏني آهي. اها خدائي ڏات آهي. ٻيو اهڙو خيال ڪٿي ٿوشاعر جي ذهن ۾ اچي ساڳي ڪافيءَ ۾ شاعر لکيو آهي ته.

جت چاهئون شاه زمين چمن سي نوراني درگاه اکيون.
مجموع نينهن نصابن جو تفسير برهه جي باهين جو
سي لب لباب ڪتابن جو وا الله ته بسم الله اکيون
سي طالب الا الله اکيون اهڙيون بي مثال اکيون

حضور ڪريم ﷺجن ڏي شاعر جو اشارو آهي. محبوب جي اکين جي جيڪا به تعريف ڪجي اها گهٽ آهي. وري صفحه ۳۳ جي ڪافي ۾ شاعر فرمائي ٿو ته

هڪ اکين کي به زبان آهي. تن وٽ به برهه جو بيان آهي.
هي راز حقيقي عيان آهي. توڙي ظاهر ۾ خاموش اکيون
اهي برهيل باده فروش اکيون.

واقعي اکين کي زبان آهي. جڏهن ادب جي خيال کان سائل گهري ڪا شيءِ نه سگهندو آهي. ته پوءِ هن جي اکين مان معلوم ٿيندو آهي. ته گهرج وارو سائل آهي. يا ڪو عاشق فقير اهڙي نگاه ڪندو آهي. جو منجهي وينو آهي ته هي ڪو سورن جو سڙيل آهي. ۽ هن

ڪري وري صفه ٩٨ جي ڪافي ۾ شاعر فرمائي ٿو ته:

ساقي ڪر ڪو بلو بيداري، جو ڪورنگ لڳي مشخواري، جو

هتي شاعر سجاڳي ۽ پيئڻ جي ڳالهه ڪئي آهي. پر حقيقت هن طرح آهي ته پيئڻ کان پوءِ ته ماڻهو هوش وڃائي بيهوش ٿي ويندو آهي. پر ان ۾ سجاڳ ٿي پنهنجي حقيقي محبوب جي ياد ۾ هر وقت مشغول رهڻ ۽ هر وقت انجو ذڪر فڪر ڪرڻ اها ڳالهه عجيب آهي. ۽ شاعر جو ڪمال آهي. وري صفه ١٠٠ جي ڪافي ۾ شاعر فرمائي ٿو ته:

جبا خرقا فرقا سرقا ڪوڙ ٺڳيون ۽ ٺاه

ظاهر ۾ ماڻهون حال ڏاڍا وجهي درويشي لباس پائي وڏيون دعاوٰن ڪري جبا ۽ ڪلاه پائي فرق بندي ڪري خدا جي خلق گمراه ڪن ٿا پر سندن عمل اصل ۾ ٻي طرح هوندو ٿي. سندن عمل صحيح نه هوندو آهي. رڳو ڪوڙ فريب سندن دل ۾ سمايل آهي. جيئن حضرت شاه عبدالطيف فرمايو آهي ته:

منهن ۾ موسي جهڙو اندر ۾ ابليس اهو خام حبيب ڪري ڪوه نه ڇڏئين

اتي شاعر صحيح فرمايو آهي ته، انسان جو رڳو عمل چڱو هجي دم سان گڏ قدم به چڱو هجي انکيڙني صحيح معني ۾ فقير چئي سگهجي ٿو. وري صفه ١٠١ جي ڪافيءَ ۾شاعر چوي ٿوته:

مونکي مست ڪري مئي نوشيءَ مان ڪڍ دنيا جي بيهوشيءَ مان

دنيا جي بيهوشي آهي گمراهي، طمع، لالچ، ڪوڙ، ٺڳي ۽ فريب جو خدا جي نالي وٺڻ کان آخر ۾ انسان گمراه ٿيو وڃي. شاعر عرض ڪيو آهي، انهيءَ بيهوشيءَ مان مونکي آزاد ڪر فقط پنهنجي رب پاڪ ۾ محو خيال هجان.

قبله سائين، سائين جن نوان خيال نيون ترڪيبون نوان اشارا نيون تشبيهون جيڪي بي پير ڪتاب جي ڪافين ۾ آنديون آهن،انجو مثال ني سنڌي شاعري ۽ ڪافي گو شاعرن جي ڪلام ۾ اڳ منهنجي نظرمان نه گذريو آهي. جيڪورنگ ڪافي ڪي نئون ڏنو آهي. انجو پنهنجو مٽ پاڻ آهي. ۽ سائين جن جيڪو بي پير اکين جي ڪتاب ۾ ڪافيءَ کي سينگاريو سنواريو آهي، اهڙو اڳ ڪافيءَ کي مقام موجوده دؤر ۾ نه مليوآهي. انجو مثال ني نٿو ملي. جهڙي طرح سچل سرمست، شاه عبدالطيف ، سائين مصري شاه صاحب، مهدي شاه لاڙ وارو، امير علي شاه لاڙ وارو، نواب صاحب، فقير ولي محمد، سائين بيدل سائين، فقيرخيرمحمد هيسباڻي، محمد فقير سائين، درياه خان فقير، مراد فقر،عثمان فقير ۽ وريل فقير وغيره پنهنجي دور ۾ ڪافي ۽ بيت جا بادشاه ٿي گذريا آهن، پر ڪنهن کي هڪ



Gul Hayat Institute

حنف تي عبور هوندو آهي. پرَ سائين جن کي خدا جيَ فضل سان سڀ ڪنهن شاعريءَ جي صنف تي عبور آهي. اها خدا داد ڏات خدا سائين جن کي حاصل ڪئي آهي. ان لاءِ آءٌ سائين جن کي مبارڪ پيش ڪيان ٿوسائين جن جيڪا ڪافيءَ ۾ نواڻ آندي آهي. ان جو مثال هن موجوده دؤر ۾ مشڪل ملي، آءٌ سائين جن جي ساراه ان ڪري نٿو ڪريان جو منهنجو واسطو سائين جن سان پيري مريدي، طالب مطلوب. وارو يا شاگردن وارو آهي. پر خدا کي حاضر ناظر ڄاڻي ٻي ريائي سان چوان ٿوته هن موجوده دؤر ۾ اهڙو ڪلام ڏکيو ڪو شاعر لکي سگهندو. نون شاعرن لاءِ هي ڪتاب ٻي پير اکيون رهبري آهي، هن کي مطالع ڪرڻ پڙهڻ سمجهڻ سکڻ ضروري ڳالهه آهي. ڪافي بيت جو به گهاڙيٽو وزن هوندو آهي. پر راڳ ڄاڻيندڙ ماڻهو ڪافي سٺي لکي سگهي ٿو، پر علم ۽ استادي ۽ شاگردي جي ضرورت آهي صحيح معني ۾ اهو شاعر آهي، جيڪو ڪنهنجي چوري نه ڪري انجو خيال مروڙي سروڙي پنهنجي ڪلام ۾ وجهي اهو غلط آهي. پنهنجو ڪلام پنهنجي حال سارو لکي پوءِ ڪٿي سادا لفظ هجن ته به انهن ۾ اثر ضرور ٿيندو. آخر ۾ شاعرن کي عرض ڪندس ته ٻي پير اکين جي ڪتاب مطالع ڪن ۽ عبرت حاصل ڪن ته ڇا مواد شاعريءَ جو شاعر موجود ڪري لکيو آهي، ان جي خيال کي مبارڪ هجي اهڙا شاعر قسمت سان زماني ۾ پيدا ٿيندا آهن. مونکي ان ڳالهه تي فخر آهي، انهيءَ شاعر جو آءٌ به هلڪو سلڪو شاگرد آهيان. خداوند ڪريم سائين جن کي خوش آباد رکي آمين.

**ولي سروري**

# ...پرهه مَ ڪٿي پاند

بزم طالب المولي ۽ سندس باني مباني، آقا، حضرت و مرشد نا طالب المولي سائين سان نينهن "اڻ لکيو اڳي هو" منهنجو جد امجد حضرت رجب فقير رحه (رونجهو پير، مدفون ضلع دادو) آقا حضرت مخدوم نوح سرور رحه جن وٽ دست بيعت ٿيو هو. اسان اولاد لاءِ "اها ساڃاهه سپرين جي" مصداق، منهن موڙڻ ڪفر آهي. الله پاڪ شال، اسانجي حياتي به ڪين ڏئي، ڪڏهن به ميرو ڏسي نه مٽيائون"

پٿورو (ضلع ٿرپارڪر) ۾ هڪ ادبي تنظيم هئي. جڏهن "بزم طالب المولي" جي تحريڪ هلي، ته پين همعصر انجمن وانگي، اسان به الحاق حاصل ڪيو. اهو ڏينهن ۽ اڄ ڏينهن ڪفر يا شرڪ ڪرڻ جي ڪا نوبت نه ڪانه آئي آهي.

ٻنورو (ضلع ٺٽو) ۾ ١٩٥٦ ۽ ١٩٥٧ع ۾، لاڙ ادبي ڪانفرنس جي نالي اجتماع ٿيا، جيڪي دراصل "بزم طالب المولي" جي ئي طفيل ڪامياب ٿيا. ان بعد، جيڪي قابل ذڪر ڪانفرنسون، گڏجاڻيون وغيره ٿيون سي اڪثر هالا شريف ۾ ئي ٿيون.

"بزم طالب المولي" سان وابسته جيڪي "آديسي اٿي ويا" سي پنهنجي وقت جا شهزور ۽ قد آور پر انتهائي قيمتي قلمڪار هئا. انهن جي لاڏاڻي ڪانپوءِ مون محسوس ڪيو آهي ته حضرت طالب المولي سائين جن ڪجه خلا محسوس ڪن ٿا. طبيعت ڪي غذا پهچائڻ لاءِ، اسان جهڙن، اُپرن تي دست شفقت رکندا ٿا اچن. وس آهر جيڪي ڪانفرنسون ۽ ڪنوينشن، حاليه تاسيس کان پوءِ (١٩٨٠ ـ ٨١ع) ٿيا تنجو سڄو سنئون "ڪريڊٽ" سندن آهي. مان پاڻ محسوس ڪيو هو ته جيڪڏهن هالا شريف کان سواءِ، ڪنهن ٻئي هنڌ ڪانفرنس يا ڪنوينشن ڪرائبو ته ايترو ڪامياب نه به ٿئي؟ مگر تسليم ٿو ڪيان ته اها منهنجي ڀل هئي.

۷۸٦

# ڪنوينشن

**تاريخ: ١٦ - اپريل ١٩٨٨ع**

**وقت: صبح ١٠ بجي**

**مقام: شاهه عبداللطيف ڀٽائي رحه هال موسيٰ لين لياري ڪراچي**

**زير صدارت: عاليجناب مخدوم محمد زمان طالب المولىٰ صاحب.**

**ڪنوينشن ۾ شرڪت ڪندڙ. بزم طالب المولىٰ سنڌ جون شاخون.**

Gul Hayat Institute

قبلهٰ مخدوم محمد زمان طالب الموليٰ

# افتتاحي تقرير

بزم طالب الموليٰ جا خير خواهو ۽ معزز حاضرين،

السلام عليڪم

ٽن سالن کان پوءِ اسان جي گڏجاڻي غير متوقع طور ڪراچي شهر ۾ انهيءَ جذبي سان ٿي رهي آهي ته اسان ۾ هميشه احساس برتري قائم هجي. اهڙو ڪنوينشن، اوهان سيني جي جذبن جي ترجماني آهي، اوهان جي خيالات جو عڪس آهي. اگرچه اوهان جي خوابن جي مڪمل تعبير ته نه آهي، پر تعبير جي هڪ مضبوط ڪڙي آهي، جنهن ۾ اگر اوهان پنهنجا مضبوط هٿ وجهندا، ته يقينا ڪاميابيءَ سان هم ڪنار ٿيندا.

ڪنوينشن جي دير سان ڪوٺائڻ ۾ ڪيئي مصلحتون شامل هيون، ڪيئي اڻ ٽر سبب حائل هوا، جنهن کان انتظامي ڪائونسل بخوبي آگاهه آهي.

مون کي انهي ڳالهه جو احساس آهي ته ڪنوينشن دير سان ڪوٺائڻ ڪري اوهان جون دليون سست ٿي پيون هونديون، پر يقينا جذبا چست هوندا، انهن چست ۽ باهمت جذبن جو ثمرُهي ڪنوينشن آهي. شروع ۾ ٿي، اها گهڻن دوستن جي راءِ هئي ته ڪنوينشن جدا جدا هنڌن تي ٿئي، جيئن بار بار هڪ جاءِ تي اچڻ مان اهميت ۾ فرق نه اچي وڃي. ٽي پيرا لاڳيتو ڪنوينشن هالا ۾ منعقد ڪيو ويو ۽ جڏهن انتظامي ڪائونسل ان عزم تي مصمم رهي ته ڪنوينشن هالا کان سواءِ ٻين اهڙن هنڌن تي به ٿيڻ گهرجي ته مون به ان راءِ جو احترام ڪيو. انهي روشنيءَ ۾ ڪراچي، حيدرآباد ۽ ڪوڙي ڏاهري مان ڪنوينشن جو ميزبان ٿيڻ جون آڇون آيون، جن تي غور و فڪر ڪرڻ بعد، هن سال

Gul Hayat Institute

ڪراچيءَ ۾ ڪانفرنس ۽ ڪنوينشن ڪوٺائڻ جو فيصلو ڪيو ويو ۽ نهايت خوشيءَ جي ڳالهه آهي ته ڪراچي شاخ پنهنجي ميزبانيءَ ڪي چار چنڊ لڳائي ڇڏيا آهن. آئون ڪراچي شاخ، خاص طور ان جي صدر اصغر هاليءَ کي خراج تحسين پيش ڪريان ٿو.

دستور موجب ڪن شاخن لاءِ سرٽيفڪيٽ آهن. ڪن سرگرم ڪارڪنن لاءِ منهنجي طرفان خدمت جا تمغا آهن. اهي سڀ اوهان جي لاءِ انعام به آهن ته چئلينج به. چئلينج ان ڪري ته ٻيون شاخون، پنهنجي پنهنجي حدن ۾ مثالي جدو جهد ۽ خدمت ڪن ۽ انعام يافته شاخون اڃا به اڳتي وڌي پاڻ کي مثالي بڻائين.

مثالي شاخ، بزم لاءِ نهايت قابل اعتماد ۽ معتبر سمجهي وڃي ٿي. سڀني شاخن کي علمي، ادبي خدمت لاءِ نمايان سرگرميون سرانجام ڏيڻ گهرجن. جيئن ٻوليءَ ۽ ادب ۾ سنڌن منفرد مقام هجي.

آئون انهي دعا سان هن ڪنوينشن جو افتتاح ڪريان ٿو ته خدا شال اسان ۽ اوهان کي سنڌي ٻولي ۽ ادب جي خدمت ڪرڻ جي توفيق عطا فرمائي آمين.         مهرباني

(مخدوم محمد زمان طالب المولىٰ)

چئرمين

مرڪزي بزم طالب المولىٰ سنڌ

هالا

## انور هالائي

# ساليانه رپورٽ

بخدمت جناب مرڪزي چيئرمن قبلا مخدوم محمد زمان صاحب طالب المولىٰ،

معزز سائيو ۽ دوستو!

بزم طالب المولىٰ جي ازسر نؤ تنظيم کان ڇهن سالن بعد اڄوڪي ڪنوينشن ۾ آئون معزز عهديدارن، ڪائونسلرن ۽ ميمبرن جو دلي طور خير مقدم ڪيان ٿو.

حاضرين مجلس! انتظامي ڪائونسل جي سڀني فيصلن جي روشني ۽ جناب چيئرمن صاحب جي حڪم جي تعميل ۾ منهنجي ۽ اوهان جي وچ ۾ رابطو رهندو اچي. گذريل ٻن سالن ۾ ان ڪري ڪنوينشن نه ٿي سگهيو جو ملڪ جي گهڻو ڪري اهائي صورتحال رهي، جيڪا ۱۹۸۳ع ۽ ۱۹۸۵ع واري ڪنوينشن ۾ رهي، پر گهڻو ڪري دادو، لاڙڪاڻو ۽ ڪراچي ضلعن جون شاخون بدامنيءَ جي ڪري گهڻيون متاثر رهيون. ڪراچيءَ ۾ بار بار ڪرفيو جي ڪري اڻ تسلي بخش ماحول رهيو. انهيءَ هوندي به انهن شاخن پنهنجي ڪم ڪار ۽ سر گرمين کي ڪنهن نه ڪنهن صورت ۾ اڳتي وڌايو آهي. آئون انهن سڀني شاخن کي سلام پيش ڪريان ٿو.

سائين منهنجا! ادب جي رفتار اڄ ڪلهه هر شعبي ڏانهن وڌڻ لاءِ همتائي رهي آهي، انهيءَ ڪري اسان کي گهرجي ته نظم سان گڏ نثر جي ترقيءَ لاءِ به پنهنجا سڀ وسيلا استعمال ڪريون. ڪالهوڪي ڪانفرنس، انهيءَ فڪر جي پيش قدمي آهي ته اسان ادب جي سڀني شعبن ۾ اڳتي وڌڻ جا خواهشمند آهيون. اسان جا حوصلا جوان آهن، صرف انهن کي استعمال ڪرڻ جي ضرورت آهي. ڪن دوستن کي پنهنجا فن پاره شايع نه ٿيڻ جي شڪايت

Gul Hayat Institute

آهي حالانڪ مسلسل سعيو ۽ ڪوشش، اهي سموريون شڪايتون دور ڪرڻ جو قوي سبب بڻجي پون ٿيون. شڪسته دل ٿيڻ يا مايوسي ڪرڻ حرام آهي. اسان کي اڳتي وڌڻ لاءِ سوچڻ کپي. ماضيءَ جي شڪايت نه ڪري، حال تي اعتبار ڪري مستقبل تابناڪ ڪرڻ نهايت احسن فعل آهي.

دوستو! اهو ضروري آهي ته مرڪز ۽ شاخن جو پاڻ ۾ گهرو رابطو هجي. مون کي ان ڳالھ جو اعتراف آهي ته گهڻو تڻو گهٽين ني شاخن مون سان اهڙو رابطو رکيو آهي. ڪن قليل شاخن وساري ڇڏيو آهي، انهن کي گذارش آهي ته ان طرح سان مرڪز ۾ شاخ جو رڪارڊ رکڻ ۾ سخت دشواريون درپيش اچن ٿيون. تنهن ڪري هو منهنجي دشواري دور ڪرڻ ۾ منهنجو ساٿ ڏين.

عزيز ساٿيو! اوهان جي ني خواهشات جي روشنيءَ ۾ انتظامي ڪائونسل جي جونيئر وائيس چيئرمن مخدوم جميل الزمان صاحب جميل جي سربراهي ۾ گذريل سال مون ڪراچي، حيدرآباد ۽ ڪرڙ سولنگيءَ جو دورو ڪيو هو. انهن ۾ ڪائونسلر قاضي عبدالحق انصاري صاحب به منهنجي همراهي ڪئي هئي. ذاتي طور مون هالا پراڻا شاخ ۽ ڪوڙو ڏاهري جي وزٽ ڪئي. ان طرح سان مون گذريل سال پنجن شاخن جو معائنو ڪيو. هالا شاخ ته منهنجي شهر ۾ آهي. انشاءالله تعاليٰ اگر حالتن اجازت ڏني ته باقي انن شاخن جو دورو سال ١٩٨٨ع ۾ ني مڪمل ڪندس. ڪن شاخن طرفان انتظامي ڪائونسل جي گڏجاڻين جي دعوت آهي. انهن ۾ پير بخش مير بحر طرفان دادو ۾، روهڙي، پنڊي ۽ پٿورو شامل آهن. جناب چيئرمن صاحب کي گذارش آهي ته انهن شاخن جون دعوتون بالترتيب منظور ڪيون وڃن.

دوستو! اهوڪي سٽ ۾ اسان سان ڪپرو شاخ شامل نه آهي، ڇاڪاڻ ته اتي جي صدر، جناب چيئرمن صاحب کي پاڻ درخواست ڏيئي پنهنجي شاخ کي معطل ڪرايو ۽ معطل ٿيل شاخ پٿورو طرفان ڪائونسلر ولي سروري صاحب جناب چيئرمن صاحب کي درخواست ڏيئي پٿورو شاخ کي بحال ڪرايو. پٿورو به اڄ ڪلھ اسان جي ريگيولر شاخن جيان ڪم ڪري رهي آهي. حيدرآباد هڪ نئين شاخ آهي، جيڪا گذريل ڪنوينشن کان فورا پوءِ وجود ۾ آئي ۽ هتي طرفان حيدرآباد ۾ ١٩- آڪٽوبر ١٩٨٥ع تي قبله مخدوم محمد زمان صاحب طالب المولي جن جي ٦٦ هين سالگره جي موقعي تي هڪ يادگار تقريب منعقد ڪئي ويئي، جنهن ۾ ٿيل مشاعري ۾ سنڌ جا منتخب شعراء ڪرام شريڪ ٿيا هوا.

سائين منهنجا! سيد حيدر شاه اڄ اسان جي درميان ڪونه آهي. هن مرحوم جي مرنجان

مرنج شخصيت اسان جي دلين ۾ سدا نقش رهندي. ان جي جانڪاه وفات کان پوءِ جناب چيئرمن صاحب جن، سندن پاءُ سيد علي احمد شاهه ساقي کي بطور ڪائونسلر نامزد ڪيو، جيڪو اڄ اسان سڀني سان گڏ آهي. اهڙيءَ طرح سان مخدوم جميل الزمان صاحب جميل پڻ هن نئي ڪائونسل تي نامزد ٿيا آهن. ۽ بطور جونيئر وائيس چيئرمن منتخب ٿيا آهن. گذريل ڪنوينشن بعد جناب مخدوم سعيدالزمان عاطف صاحب ۽ جناب سوزهالائي به انتظامي ڪائونسل تي نامزد ٿيا آهن، جيڪي هن ٺرم ۾ به شامل آهن.

معزز دوستو! هي هڪڙو قرب جو ڪاروان آهي، جنهن ۾ محبت ۽ پيار سان رهڻو آهي. ان تي مون کي پورو يقين آهي. باقي انتظامي خط و ڪتابت ۾ جيڪڏهن اڻ ڄاڻائيءَ ۾ مون کان ڪا ڀل چوڪ ٿي ويئي هجي ته ان لاءِ مون کي معافي ڏيڻ فرمائيندا.

آئون اوهان صاحبن جو ٿورائتو آهيان جو اوهان هيڏا ڪشالا ڪڍي هتي آيا ۽ پنهنجي قرب ۽ ادبي پيار جو ثبوت ڏنو اٿو. آئون مرڪزي چيئرمن جناب قبله مخدوم محمد زمان صاحب طالب المولىٰ جن جو پڻ بيحد ٿورائتو آهيان، جن هن ڪنوينشن سڏائڻ ۾ هر امور جي نگراني ڪئي ۽ ڪامياب ٿيڻ لاءِ هر امداد فراهم ڪئي. هاڻي آئون قبله سائين جن کي گذارش ڪندس ته ڪنوينشن جو باقاعدي افتتاح ڪرڻ فرمائين. مهرباني

**انور هالائي**
سيڪريٽري جنرل
مرڪزي بزم طالب المولىٰ
هالا

Gul Hayat Institute

# فهرست

## ڪنوينشن ۾ شرڪت بزم طالب المولیٰ جي انتظاميڪائونسل جا ميمبر صاحبان

١ ـ مخدوم محمد زمان صاحب طالب المولیٰ چيئرمن
٢ ـ مخدوم شفيق الزمان صاحب وائيس چيئرمن
٣ ـ مخدوم امين فهيم صاحب
٤ ـ حسين بخش خادم
٥ ـ ولي سروري
٦ ـ اصغر هالو
٧ ـ جاويد بلوچ
٨ ـ عبدالنبي خاتم
٩ ـ اله نواز رڪٽائي
١٠ ـ قاضي عبدالحق تائب انصاري
١١ ـ سوز هالائي
١٢ ـ محمد حاجن ابڙيجو
١٣ ـ انور هالائي.

Gul Hayat Institute

# شاخن جا نمائيندا

روهڙي: ١ ـ شمس صابر ٢ ـ امام بخش اختر
٣ ـ دودو خان شهيد سومرو ٤ ـ آفتاب عظيم.

پير رکيل ريلائي ١ ـ ڊاڪٽر محمد خان ابڙو ٢ ـ احمد خان آصف

ڪوڙو ڏاهري ١ ـ محمد مراد ڏاهري ٢ ـ غلام قادر مظهر
٣ ـ ڏتي بخش قربان ٤ ـ امير بخش ڏاهري.

حيدرآباد ١ ـ ڊاڪٽر در محمد پٺان.

هالا پراڻا ١ ـ منير هالائي.

پٽورو ١ ـ قادر سروري.

ملنگ مگريو ١ ـ غلام قاسم مگريو ٢ ـ غلام شبير خليق
٣ ـ عبدالرحيم عبد مگريو.

هالا ١ ـ محمد طالب ڪاردارخوش دل ٢ ـ عبدالقيوم تبسم فيروز
٣ ـ خميسو خان واڍو ٤ ـ مشتاق ميمڻ

پٽني ١ـ حاجي محمد عالم عباسي ٢ ـ محمد سچل سرفاني مهر

پير بخش مير بحر ١ ـ اقبال شينو.

سرهاڙي ١ ـ محمد رمضان مسڪين ٢ ـ عبالرزاق عبد سروري.

ڪراچي ١ ـ صوفي ساجد سرشاري ٢ ـ گوهر سروري ٣ ـ علي محمد رامڏي
٤ ـ عبدالغني پٺي ٥ ـ علي محمد ذوق ٦ ـ محمد اسماعيل،
٧ ـ آفتاب هالو، ٨ ـ محمد ملوڪ عاجز، ٩ ـ افتخار هالو.

Gul Hayat Institute

فطرت بہ عجيب آهي, هو دنيا ۾ آهي ۽ دنيا کان ٻاهر بہ اهي. هن جي سوچ افتاد طبع کي سرگرم ۽ متاثر تہ ضرور ڪري ٿي پر قلم ڪار انهن سڀني مرحلن ۽ وارداتن کي نقش دوام بخشي ٿو. اهوئي سبب آهي جو هر دؤر جو شاهد, آزاد ۽ ايماندار قلم ڪار کي ئي شمار ڪيو ويندو آهي. اصغر هالي سنڌي اديبن, خاص مهمانن ۽ حاضرين مجلس جي پر خلوص آذرپا ڪئي. اصغر هالي کان پوءِ بزم جي مرڪزي چيئرمين مخدوم محمد زمان طالب المولىٰ پنهنجي افتتاحي تقرير ۾ چيو تہ اسانجي ٻولي ايتري قدر وسيع ۽ شاهوڪار آهي جو ان ڪيترين ئي ٻولين جا لفظ قبول ڪري بہ پنهنجي بنيادي حيثيت قائم ڪئي آهي. فڪر و ادب جون هي محفلون انهي ٻوليءَ جي سلامتي جو ثبوت آهن. مخدوم صاحب چيو تہ جنهن معاشري ۾ احساس محروميءَ جا ڪارڻ وڌيل هوندا اتي ٻوليءَ کي هر وقت خطرو پيدا ٿي سگهي ٿو. هن چيو تہ جنهن معاشري ۾ ڪالاباغ ڊيم ۽ فوجي ڇانوڻين جي تلوار سر تي لٽڪيل هوندي, ان معاشري جا ماڻهو سک جو ساهہ ڪيئن کڻي سگهندا. هن پنهنجي ان عزم کي ورجايو تہ سنڌي ٻولي جي بقا ۽ تحفظ لاءِ اسان کي سڀ ڪجهہ ڪرڻو آهي ۽ پوئتي مڙڻو نہ آهي. مخدوم صاحب جي تقرير تي هال ۾ تاڙين جي گونج ۾ ان عزم جي تائيد ڪئي ويئي. سيد غلام مصطفىٰ شاهہ جن جي ڇپيل تقرير جو عنوان هو تہ سنڌي ادبي ۽ فڪري وحدت ۽ سياسي ۽ معاشرتي انتشار. هن صاحب چيو تہ سنڌ ولين, دودن ۽ دليرن جي زمين آهي. هي رسول کي راحت پهچائڻ وارو ٽڪرو ڪيئن نہ تباهہ ڪيو پيو وڃي. نہ صرف ڌارين جي سازشن سان مگر اسان جي پنهنجي هٿن سان بہ. شاهہ صاحب ادب جو ذڪر ڪندي چيو تہ سنڌي ادب ڪا ڏند ڪٿا نہ آهي. سنڌي ادب ٺوس فڪر, جذبي, زمين جي محبت ۽ ماحول جو ادب آهي. سنڌ جي هر دور ۾ سنڌي اديب ۽ شاعر جو حصو رهيو آهي. مگر ۴۷ کان پوءِ ۽ خاص طرح ۱۹۷۷ع کان پوءِ سنڌي ادب ۽ سنڌي شاعري جو سنڌ کي برقرار رکڻ ۾ وڏو حصو آهي, سنڌي اديب صحيح فڪر جو مالڪ رهيو آهي. سنڌ جا سيد, پير ۽ وڏيرا وڪجي ويا ۽ جاهل ٿي ويا مگر سنڌي اديب نہ وڪيو سنڌ جو وجود سنڌي اديب ۽ شاعر جي ڪوشش جو نتيجو آهي. سنڌ کي اها سعادت ۽ وجود سنڌي ادب نصيب ڪيو آهي. نہ تہ گهڻا ڏينهن اڳ پيسجي ويون ها. هن چيو تہ سنڌ جي عالمن, سنڌ جي شان کي نہ صرف سنڌس انفراديت ۽ شان کي اجاگر ڪيو ۽ ورسايو مگر ان جي سچي حياتي خدمت ڪيائون مخدوم محمد هاشم, شاهہ عبدالڪريم, سچل سرمست, مخدوم محمد زمان, سامي, ڊاڪٽر گربخشاڻي ۽ ڊاڪٽر دائود پوٽي کان پوءِ اسانجي نوجوانن جو ادب ۾ حصو ۽ ڪم وڏي شان وارو آهي. اهڙوڪو سنڌي اديب شاعر ۽ مفڪر استاد ۽

عالم، سنڌ جي عوام جي دردن، مصيبتن، افسردگين، امنگن ۽ جذبات جو ترجمان آهي. جنهن معاشري ۾ اديب دليرانه فڪر ۽ قلم رکن ٿا. اهو معاشرو خوش نصيب آهي. ان جي بقا اٽل آهي. هن سنڌ جي سياستدانن کي يقين ڪئي ته ڪين سنڌ، سنڌي قوم ۽ عوام وارو اديبن ۽ شاعرن جو نظريو تسليم ۽ قبول ڪرڻو پوندو نه ته گمراهي نصيب ٿيندو.

آخر ۾ شاه صاحب چيو ته مونکي يقين آهي ته سنڌ جو مستقبل، سنڌ جي عوام، سنڌ جي اديب ۽ سنڌ جي سياستدان جي فڪري وحدت عمل ۾ آهي. انهيءَ سان ئي سنڌ جو مستقبل روشن ٿي سگهي ٿو. شاه صاحب جي تقرير کان پوءِ پروفيسر ڊاڪٽر نعيم تقوي پنهنجو مقالو بعنوان "سنڌي ادب ۾ نوان لاڙا" پڙهيو جنهن ۾ انهن نون لاڙن جو جائزو ورتو ويو جن ١٩٤٧ع کان پوءِ سنڌي ادب جي سرمايه ۾ قابل قدر واڌارو آندو آهي. هن صاحب ثابت ڪيو ته هن ترقي پسند دور ۾ نوجوان نسل سنڌي ادب ۾ نوان نوان تجربا ڪري، هن کي دنيا جو مثالي ادب بنائي ڇڏيو. سنڌالاجي جي ڊائريڪٽر محترمه مهتاب اڪبر راشدي صاحبه پنهنجي تقرير ۾ مخدوم صاحبن ۽ شاه صاحب جي خيالن کي املهه ۽ مانائتو بيان ڪيو. هن سنڌي عالمن، اديبن ۽ شاعرن تي زور ڏنو ته هو پنهنجي عملي خوبين سان ادب کي مالامال ڪن، هن چيو ته سنڌي ڪانفرنسون ۽ سيمينار گڏجي ملڻ، ۽ تقريرن ڪرڻ جا وسيلا ته ٿي سگهن ٿا، پر اسانکي گهرجي ته ادب جي ترقيءَ لاءِ عمل به ڪريون ۽ عمل ڪرڻ لاءِ قرباني جي ضرورت آهي. محترمه راشدي صاحبه جي تقرير کان پوءِ مشهور مفڪر علي احمد بروهيءَ تقرير ڪئي سندس مختصر مقالي جو عنوان هو ته "سنڌ جي سونهن ۽ سرهاڻ" بروهي صاحب سنڌي ادب جي مختصر تاريخ جو جائزو وٺندي سنڌ جي پيرن ۽ سيدن جو سنڌي ٻولي ۽ ادب ۾ حصو وٺڻ جو ذڪر ڪيو ۽ ثابت ڪيو ته سنڌ جا پير، مير سنڌي ادب ۾ ڪوبه ڪردار ادا ڪري نه سگهيا آهن. مرگو انهن مان سنڌي ٻولي ۽ ادب کي ناقابل تلافي نقصان پهتو آهي. هن مخدوم صاحب کي خراج تحسين پيش ڪندي چيو ته اهو واحد، سنڌ جو پير آهي، جيڪو سنڌي ڪاز سان سچو ۽ سنڌي ٻوليءَ ادب جو مکيه خدمتگار آهي. هن چيو ته مخدوم صاحب جي قربانين کي تاريخ ۾ ڪڏهن به فراموش نه ڪيو ويندو. آخر ۾ خاص مهمان غلام رباني آگرو صاحب سنڌي ادب جي ناتي سان، مخدوم صاحب جي محبت ۽ شفقت جو ذڪر ڪندي پنهنجا مشاهدا پيش ڪيا ۽ مختلف دورن جو ذڪر ڪيو جن ۾ مخدوم صاحب جيڪي سنڌي ٻوليءَ لاءِ گرانمايه خدمات سرانجام ڏنيون هيون. هن چيو ته مخدوم صاحب سنڌي ٻولي ۽ ادب جي هڪ مڪمل تاريخ آهي.



Gul Hayat Institute

رات جو انهن وڳي سڀني مهمانن، اديبن ۽ شاعرن جي اعزاز ۾ اصغر هالو، صدر ڪراچي شاخ طرفان هڪ شاندار ڊنر جو اهتمام ڪيو ويو هو. جنهن کان پوء مشاعري جي محفل شروع ٿي، جنهن جو صدرجناب ڊاڪٽر تنوير عباسي هو. جڏهن ته خاص مهمان مخدوم محمدزمان طالب المولىٰ هو. هن مشاعري لاء اسٽيج سيڪريٽري محترمه سلطانه وقاصي هئي، جڏهن ته سندس مددگار ولي سروري هو. مشاعري ۾شاعرن پنهنجا ڪلام پيش ڪيا. مخدوم طالب المولىٰ، ڊاڪٽر تنوير عباسي، انور هالائي احمد خان آصف، ڊاڪٽر نعيم تقوي، ولي سروري، اصغر هالو سلطانه وقاصي، نذيرناز، نسرين نوري، عطيه دائود، قمر عالم قمر، ساجد سرشاري، گوهر سروري، علي محمد رامڏي، عبدالستار عبد، محمد ملوڪ عاجز، علي محمد مجروح، محمد حسن ساز، عبدالعزيزبيدل محمد خان مجيدي، حسين بخش خادم، جاويد بلوچ، نواز رڪناني،نائب انصاري، شمس صابر، سوزهالائي، اختر ڪلوڙ، حاجن ابڙيجو، دودو شهيد، سرفراز راهڙ، نور نبي مير،ڊاڪٽر در محمد پٺاڻ، قاسم مگريه، عبد مگريه، غلام شبير خليق، اقبال شينو، محمد عالم عباسي، خاتم جانوري، سچل رفائي، محمد رمضان مسڪين، عبد سروري، عبدالقيوم تبسم، رجب علي جليس، خميسو خان، قادر سروري، نورل مري، خورشيد احمدخان، محمد امان، پرويز اختر، عبالوحيد تاج، ذيشان حيدر، اعجاز بنارسي، غياث، وحيد انصاري ۽ هرفن لکنوي. صدارتي تقرير ۾ ڊاڪٽر تنوير عباسي بزم طالب المولىٰ کي هن ڪانفرنس ڪرڻ تي مبارڪباد ڏني ۽ مخدوم صاحب جو شڪريه مڃيو جنهن کيس هن مشاعري جي صدارت ڏني. هن چيو ته مخدوم صاحب جن جي انسان دوستي مونکي سڀني درجن کان بلند آهي. هن سڀني شاعرن تي زور ڏنو ته هو به انسان دوستيء تي وڌ ۾ وڌ شاعري ڪن.

رات جو ٽي وڳي هي محفل مشاعره پوري ٿي ٻي ڏينهن صبح جو ١١ بجي بزم طالب المولىٰ جو ڪنوينشن ٿيو، جنهن جي صدارت مرڪزي چيرمين مخدوم محمد زمان طالب المولىٰ ڪئي. تلاوت قرآن پاڪ بعد سيڪريٽري جنرل انور هالائي پنهنجي رپورٽ پيش ڪندي اديبن ۽ شاعرن کي گذارش ڪئي ته نظم سان گڏ نثر جي ترقيء لاء به پنهنجا سڀ وسيلا استعمال ڪرڻ گهرجن. مخدوم صاحب پنهنجي تقرير ۾ سڀني شاخن کي تلقين ڪئي ته مثالي شاخ بنجڻ لاء سڀني شاخن کي علمي ادبي خدمت لاء نمايان سرگرميون سرانجام ڏيڻ گهرجن جيئن ڀولڻي ۽ ادب ۾ سندن منفرد مقام هجي. هن ڪنوينشن ۾ مخدوم امين فهيم ۽ مخدوم شفيق الزمان سميت سڀني ڪائونسلرن پڻ شرڪت ڪئي. ٻارهن شاخن جي جنرل سيڪريٽرين رپورٽون پيش ڪيون، انهن جا نالا هي آهن. شمس صابر روهڙي، احمد



Gul Hayat Institute

رات جو انهن وڳي سيني مهمانن، اديبن ۽ شاعرن جي اعزاز ۾ اصغر هالو، صدر ڪراچي شاخ طرفان هڪ شاندار ڊنر جو اهتمام ڪيو ويو هو. جنهن کان پوءِ مشاعري جي محفل شروع ٿي، جنهن جو صدرجناب ڊاڪٽر تنوير عباسي هو. جڏهن ته خاص مهمان مخدوم محمدزمان طالب المولىٰ هو. هن مشاعري لاءِ اسٽيج سيڪريٽري محترمه سلطانه وقاصي هئي، جڏهن ته سندس مددگار ولي سروري هو. مشاعري ۾شاعرن پنهنجا ڪلام پيش ڪيا. مخدوم طالب المولىٰ، ڊاڪٽر تنوير عباسي، انور هالائي احمد خان آصف، ڊاڪٽر نعيم تقوي، ولي سروري، اصغر هالو سلطانه وقاصي، نذيرناز، نسرين نوري، عطيه دائود، قمر عالم قمر، ساجد سرشاري، گوهر سروري، علي محمد رامڏي، عبدالستار عبد، محمد ملوڪ عاجز، علي محمد مجروح، محمد حسن ساز، عبدالعزيزبيدل محمد. خان مجيدي، حسين بخش خادم، جاويد بلوچ، نواز رڪناني،نائب انصاري، شمس صابر، سوزهالائي، اختر ڪلوڙ، حاجن ابڙيجو، دودو شهيد، سرفراز راڄڙ، نور نبي مير،ڊاڪٽر در محمد پٺاڻ، قاسم مگريه، عبد مگريه، غلام شبير خليق، اقبال شينو، محمد عالم عباسي، خاتم جانوري، سچل رفاني، محمد رمضان مسڪين، عبد سروري، عبدالقيوم تبسم، رجب علي جليس، خميسو خان، قادر سروري، نورل مري، خورشيد احمدخان، محمد امان، پرويز اختر، عبالوحيد تاج، ذيشان حيدر، اعجاز بنارسي، غياث، وحيد انصاري ۽ هرفن لکنوي. صدارتي تقرير ۾ ڊاڪٽر تنوير عباسي بزم طالب المولىٰ کي هن ڪانفرنس ڪوٺائڻ تي مبارڪباد ڏني ۽ مخدوم صاحب جو شڪريه مڃيو جنهن کيس هن مشاعري جي صدارت ڏني. هن چيو ته مخدوم صاحب جن جي انسان دوستي مونکي سڀني درجن کان بلند آهي. هن سڀني شاعرن تي زور ڏنو ته هو به انسان دوستيءَ تي وڌ ۾ وڌ شاعري ڪن.
رات جو ٽي وڳي هي محفل مشاعره پوري ٿي ٻي ڏينهن صبح جو ١١ بجي بزم طالب المولىٰ جو ڪنوينشن ٿيو، جنهن جي صدارت مرڪزي چيرمئن مخدوم محمد زمان طالب المولىٰ ڪئي. تلاوت قرآن پاڪ بعد سيڪريٽري جنرل انور هالائي پنهنجي رپورٽ پيش ڪندي اديبن ۽ شاعرن کي گذارش ڪئي ته نظم سان گڏ نثر جي ترقيءَ لاءِ به پنهنجا سڀ وسيلا استعمال ڪرڻ گهرجن. مخدوم صاحب پنهنجي تقرير ۾ سڀني شاخن کي تلقين ڪئي ته مثالي شاخ بنجڻ لاءِ سڀني شاخن کي علمي ادبي خدمت لاءِ نمايان سرگرميون سرانجام ڏيڻ گهرجن جيئن ڀولي ۽ ادب ۾ سندن منفرد مقام هجي. هن ڪنوينشن ۾ مخدوم امين فهيم ۽ مخدوم شفيق الزمان سميت سڀني ڪائونسلرن پڻ شرڪت ڪئي. ٻارهن شاخن جي جنرل سيڪريٽرين رپورٽون پيش ڪيون، انهن جا نالا هي آهن. شمس صابر روهڙي، احمد

# جي جيءَ ڪي جيارين

## سيد حيدر شاه حيدر

عاليجناب قبله مخدوم محمد زمان طالب المولىٰ جن جا ديرينه رفيق، رٽائرڊ سيشن جج ۽ تحريڪ بزم طالب المولىٰ جا هڪ اهم ستون.

تاريخ ولادت:۔ ١٥ ڊسمبر ١٩١٩ع

تاريخ رحلت:۔ ٨ مارچ ١٩٨٦ع

غزل

سيد حيدر شاهه "حيدر"

بيمار دل جي درد جو درمان ڪري ڇڏيم
ناتو جو نينهن پنهنجي جو توسان ڪري ڇڏيم

(٢)

چڪيا ٿي چاڪ منهنجا جڏهن ڪنهنجي چاه سان
سڀ ساڪنانِ بزم پريشان ڪري ڇڏيم

(٣)

هي غلغلو آ ڪنهن جي اچڻ جو تڏهن ته هي
دل جي چڪيل ڦٽن کي چراغان ڪري ڇڏيم

(٤)

اي يار تنهنجي لطف و ڪرم جي پناهه ۾
پنهنجا هي سڀ گناهه ته پنهان ڪري ڇڏيم

(٥)

حيدر مون توسان نينهن جو ناتو ڳنڍي ڇڏيو
ساري ڄمار درد جو سامان ڪري ڇڏيم



Gul Hayat Institute

# محمد جمن هالو

قبله مخدوم محمد زمان طالب المولىٰ سائين جن جا همعصر سنڌ جا معروف شاعر. ١٩٥٦ ڌاري ڪراچي شهر ۾ بزم طالب المولىٰ جي شاخ جو بنياد وڌائون. جا اڄ ڏينهن تائين قائم آهي.

تاريخ ولادت:- ٢٢ فيبروري ١٩١١ع

تاريخ رحلت:- ٢٤ آگسٽ ١٩٧٧ع

## ڪافي

عشق ڪٿ اوکو اٿئي، عشق ڪٿ سوکو اٿئي،
عشق جي ناهي اندر ۾، بٽ سچو کوکو اٿئي.
(١)

عشق جي آهي مجازي ڪوبه تنهن ۾ ناهي راضي
ٿي وجي توڙي نمازي جان جو جوکو اٿئي.
(٢)

عشق آ موتي سچو ناهي ڪو ڪنڳڻ ڪچو
دل ۾ هٽي دم دم ڏچو دنيا سچي دوکو اٿئي.
(٣)

عشق خود آهي امام عشق خود سجدو سلام
عشق جو اعلي مقام عشق جي چوکو اٿئي.
(۴)

عشق ري انسان آ جڻ ٿيو حيران آ
ء ڏسڻ ۾ خان آ پر گهڙو پوکو اٿئي.
(۵)

عشق نورئون نور آ ۽ نور مان پرپور آ
عشق هالا ڏور آ نينهن اهو نوکو اٿئي.

Gul Hayat Institute

# ڪتاب بي پير اکيون بابت راءِ

اسلم منزل نزد پاور هائوس
لاڙڪاڻو ٦,١,٨٨

محترمي جناب فياض الزمان ادام الله فيوضهم

السلام عليڪم: — اميد ته باعافيت هوندا.

اوهان جو تحفو "بي پير اکيون" مليو. ياد آوري لاءِ بار شڪريو. ڪتاب کي هٿ سان لکي، نه رڳو ڪتاب ۾ ڇڪ ڪان پاڪ ڪيو اٿو، پر لفظ جو صحيح تلفظ به قائم رکيو اٿو. مهاڳ، "ڪافي" متعلق، جيڪا تحقيقي معلومات فراهم ڪئي اٿو، سا اوهان جي ڄاڻ جو روشن دليل آهي. آءُ سمجهان ٿو ته هي پهريون ئي ڪافين جو ڪتاب آهي، جنهن ۾ انوکن لفظن جي معني ڏنل آهي ته جيئن پڙهندڙ پورو پورو خط حال ڪري سگهي.

ڊسٽرڪٽ ڪائونسل جي چونڊ ۾، ڪامايابيءَ اوهان جي نور چشم جي قدم بوسي ڪئي آهي، تنهن لاءِ لک لک مبارڪون.

اميد ته بنده کي پنهنجي دعا ۾ ياد رکندا.

والسلام
طالب دعا
سنديلو.

Gul Hayat Institute

# ناصر ڪنسٽرڪشن ڪمپني

ـــ نديم منزل، نزد بغدادي پوليس اسٽيشن ـــ ڪراچي ـــ سنڌ


لياري ۾ سنڌي ادبي ڪانفرنس منعقد ڪرڻ تي قبله مخدوم محمد زمان طالب المولىٰ ۽ محترم اصغر هالي جا اهليانِ لياري بيحد ممنون ۽ مشڪور آهن

متان تون وضعداري ڪي ڇڏين اي طالب المولىٰ
زماني ۾ پيو نيلام ٿئي اڄ فڪر و فن سستو
(طالب المولىٰ)


Gul Hayat Institute



ناصر ڪنسٽرڪشن ڪمپني

ـــ نديم منزل، نزد بغدادي پوليس اسٽيشن ـــ ڪراچي ـــ سنڌ

## عاليجناب

# مخدوم محمد زمان طالب المولي

جن کي سوينئر ١٩٨٩ع جي

# مبارڪباد

# تاج گروپ آف پٽروليم سروسز

(١) نيو تاج پٽروليم سروسز
هالا روڊ، حيدرآباد ـ فون نمبر ٣٢٤٤٠

(٢) سرتاج پٽروليم سروسز
اسٽيڊ غني چورنگي سائٽ ڪراچي
فون نمبر ٢٩٨٦٧٥

(٣) سپر تاج پٽروليم سروسز
روهڙي سنڌ
فون نمبر ٥١٠٤٧

Gul Hayat Institute